روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
Daily AWAMI SOACH Karachi
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاھ
جلد 16 | آچر 19 اپريل 2026ع بمطابق 30 شوال المڪرم 1447ھ | قيمت: 20 | شمارو 193

ايران پاران ناڪابندي سبب هرمز پيهر بند ڪرڻ جو اعلان، ايران بليڪ ميل نٿو ڪري سگهي: ٽرمپ

ايران سان ڳالهيون بهتر نموني تي رهيون آهن، ايران پيهر هرموز لنگهه ڪنٽرول ڪرڻ چاهي ٿو، ايران آمريڪا کي بليڪ ميل نٿو ڪري سگهي: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

بندرگاهن جي ناڪابندي جنگبندي جي معاهدي جي خلاف ورزي آهي، جنگ جي حتمي تائين هرموز تي ايران جو ڪنٽرول رهندو: ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل

آمريڪي ناڪابندي ختم نه ڪرڻ جي ٽرمپ جي اعلان بعد ايران پيهر هرموز لنگهه بند ڪري ڇڏيو آهي، آس پاس موجود جهازن کي پاداران انقلاب ريڊيو ميسيج ۾ سفر نه ڪرڻ لاءِ چيو آهي

اناطوليا فورم کي خطاب ڪندي ايران جي نائب پرڏيهي وزير سعيد خطيب زاده چيو ته ايران جي بندرگاهن جي ناڪابندي ختم ٿيڻ بعد ئي هرموز کولڻ تي اتفاق ٿيو هو: الجزيره

هرموز ۾ ٽرئفڪ حملن جي غير موجودگي سان مشروط آهي ۽ هن اهم واپاري رستي تائين رسائي جنگ بندي جي موجوده حالت تي منحصر آهي: ايراني دفاع واري وزارت

موجوده صورتحال عارضي آهي ۽ جيڪڏهن زميني حالتون، خاص طور تي لبنان سان لاڳاپيل صورتحال، تبديل ٿي ته هي اهم آبي رستو پيهر بند ڪري سگهجي ٿو

تهران (م ڊ) صدر ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان ڳالهيون بهتر نموني ٿي رهيون آهن، ايران پيهر هرموز لنگهه ڪنٽرول ڪرن چاهي ٿو ايران آمريڪا کي بليڪ ميل نٿو ڪري سگهي. ٻئي پاسي ايران چيو آهي ته بندرگاهن جي بندش ۽ ناڪابندي جنگبندي جي معاهدي جي خلاف ورزي آهي. جنگ جي حتمي نتيجي تائين هرموز تي ايران جو ڪنٽرول رهندو ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پاڪستان جو ثقافتي ورثو گهڻ رخي تهذيب ۽ تمدن سان سينگاريل آهي: وزيراعظم

پاڪستان دنيا جي قديم ترين تهذيبن جا رنگ پنهنجي اندر سمائي رکيا آهن پاڪستان اڄ سڄي دنيا سان هم آواز ٿي ثقافتي ورثي جو عالمي ڏينهن پرعزم انداز ۾ ملهائي رهيو آهي

اڄ پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ اهڙن ماڻهن کي دلي طور خراج تحسين پيش ڪري ٿو جيڪي گڏيل ثقافتي ورثي جهڙن قيمتي اثاثن جي تحفظ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن

عالمي سطح تي ثقافتي ورثي لاءِ ڏينهن مخصوص ڪرڻ ان جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. ثقافتي ورثو سماجي جدت ۽ ان جي ماضي جو امين آهي ۽ حال جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ مستقبل جو ضامن آهي

پاڪستان جو ثقافتي ورثو گهڻ رخي تهذيب ۽ تمدن سان سينگاريل آهي. پاڪ سرزمين دنيا جي قديم ترين تهذيبن جا رنگ پنهنجي اندر سمائي ويٺي آهي

اسان جو ورثو انساني تخليقي صلاحيت ۽ جدت جو خوبصورت مثال آهي، اسان جو اثاثو قومي ثقافت ۽ قومي سڃاڻپ آهي ۽ معاشرتي هم آهنگي جو اظهار آهي

ثقافتي قصا، ڪهاڻيون، زباني روايتون، موسيقي، دستڪاري ۽ علائقائي ٻوليون معاشري جي زنده دلي ۽ روح جي تازگي کي برقرار رکن ٿيون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ثقافتي ورثي کي سماجي جدت ۽ ماضي جو امين قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جو ثقافتي ورثو گهڻ رخي تهذيب ۽ تمدن سان سينگاريل آهي ۽ پاڪستان دنيا جي قديم ترين تهذيبن جا رنگ پنهنجي اندر سمائي رکيا آهن. اڄ ثقافتي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان اڄ سڄي دنيا سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم جون ترڪيه ۾ عالمي اڳواڻن سان اهم ۽ بامقصد ملاقاتون ٿيون: اسحاق ڊار

انطاليه ڊپلوميسي فورم جو پليٽ فارم هڪ عالمي مڪالمي جي فضا ۾ تبديل ٿي چڪو آهي

مان ترڪيه جي حڪومت ۽ عوام جو ٿورو ادا ڪريان ٿو جنهن جي گرمجوش ميزباني ۽ بهترين انتظام انهي فورم کي ڪامياب بڻايو

مان انقره ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ٽيم جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو جنهن هن دوري جي دوران شاندار مدد فراهم ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته انطاليه ڊپلوميسي فورم جي موقعي تي وزيراعظم ش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

آمريڪا ايران ڳالهين جو ٻيو دور سومر تي پاڪستان ۾ ٿيندو، آمريڪي ٽي وي جو ايراني ذريعن جي حوالي سان دعويٰ

پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين جو پهريون دور اسلام آباد ۾ ٿيو آمريڪي وفد جي قيادت نائب آمريڪي صدر جي ڊي وينس ڪئي هئي

انهي سان گڏ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي نائي جيرڊ ڪشنر ۽ ٽرمپ جي خاص ايلچي اسٽيوو ٽڪوف به شامل هو

اسلام آباد (بيورو) آمريڪي ٽي وي ايراني ذريعن جي حوالي سان دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: صوبائي گهرو وزير ضياالحسن لنجار اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي: شهيد پوليس اهلڪار عبدالمنان جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

پاڪستان ۾ ذوالقعد مهيني جو چنڊ نظر اچي ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ ذوالقعد مهيني جو چنڊ نظر اچي ويو مرڪزي چنڊ ڏسڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

هڪ ڏينهن لاٽ ڪانپوءِ سون جي اگهه ۾ وري واڌ رڪارڊ

ڪراچي (رپورٽر) گذريل ڏينهن لاٽ ڪانپوءِ سون جي اگهه ۾ اڄ وري واڌ سامهون اچي وئي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ايراني بحريا دشمنن کي سخت شڪست ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي: ايراني سپريم ليڊر

ايران جي بحريا دشمنن کي نئين ۽ سخت شڪست ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي، ايراني فوج ٻن وڏين فوجن سان وڙهي رهي آهي

اسلامي جمهوريه ايران جي فوج بهادري سان پنهنجي زمين، سمنڊ ۽ پرچم جو دفاع ڪري رهي آهي

تهران (م ڊ) ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

انطاليا: وزيراعظم شهباز شريف انطاليا ۾ ٽيل گڏجاڻين بعد واپس ڏينهن موٽي رهيو آهي

وزيراعظم سعودي عرب، قطر ۽ ترڪيه جا دورا مڪمل ڪري پاڪستان روانو

انطاليه ايئرپورٽ تي ترڪيه جي پرڏيهي وزارت ۽ ٻين وزيراعظم کي الوداع ڪيو

وزيراعظم جون ٽن ڏينهن جو دورو سعودي عرب، قطر ۽ ترڪيه جي دورن تي ٻڌل هو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف پنهنجو ٽن ملڪن سعودي عرب، قطر ۽ ترڪيه جو دورو مڪمل ڪري انطاليه، ترڪيه کان پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڪنهن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان

اسلام آباد (بيورو) اين ڊي ايم اي اينڊڙ 12 کان 24 دوران ملڪ جي مختلف حصن ۾ تيز برسات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

حج ڏک ۽ صبر جو نالو، حاجي ملڪي سلامتي لاءِ دعا ڪن: گورنر سنڌ

توهان تمام خوش قسمت ماڻهو آهيو جيڪي حج تي وڃي رهيا آهيو: نهال هاشمي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ نهال هاشمي چيو آهي ته حج ڏک ۽ صبر جو نالو آهي، حاجين کي ملڪ جي سلامتي لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي، گورنر سنڌ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

فيلڊ مارشل عاصم منير وفد سان گڏ ايران جو 3 ڏينهن وارو سرڪاري دورو مڪمل

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ گهرو وزير محسن نقوي جو وفد سان گڏ ايران جو 3 ڏينهن جو سرڪاري دورو مڪمل ٿي ويو آهي

فيلڊ مارشل نيشنل اسيمبلي جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف، پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ سان ملاقاتون ڪيون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ڊ) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ گهرو و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ حڪومت طرفان حيدرآباد ۾ پنڪ اسڪوٽيز مفت ورهائڻ جو اعلان

سکر کان پوءِ هاڻي حيدرآباد جي عورتن کي به هن سهولت مان فائدو ڏنو ويندو عورتن کي نه صرف مفت پنڪ اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون وڃن: شرجيل انعام ميمڻ

انهن کي ڊرائيونگ لائسنس، هيلمٽ ۽ باقاعده تربيت به ڏني پئي وڃي عورتن کي بااختيار ۽ خوداعتماد بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي

سکر ۽ شڪارپور کان پوءِ پيپلز بس سروس جي نيٽ ورڪ کي وڌيڪ وڌايو پيو وڃي، ۽ جلد ئي خيرپور کان روهڙي ۽ خيرپور کان راڻي پور رستن تي به پيپلز بس سروس شروع ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت سکر ۾ ڪامياب شروعات کان پوءِ حيدرآباد ۾ به جلد پنڪ اسڪوٽيون ورهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سکر کان پوءِ هاڻي حيدرآباد جي عورتن کي به هن سهولت مان فائدو ڏنو ويندو عورتن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ايراني پاسداران انقلاب اسلامي جي هرمز آبنائي ۾ هندستاني تيل ٽينڪرن تي فائرنگ

ٻن ايراني انقلابي گارڊ گن بوٽن آبنائي هرمز ۾ هڪ تيل ٽينڪر تي فائرنگ ڪئي: انٽرنيشنل ميري ٽائيم

فائرنگ جو واقعو عمان کان تقريباً 20 ناٽيڪل ميل اتر اوڀر ۾ آبنائي هرمز ۾ ٿيو. تيل جو ٽينڪر ۽ عملو محفوظ آهن

ٻه جهاز، جن ۾ هڪ هندستاني پرچم وارو سپر ٽينڪر شامل آهي، ايراني گن بوٽن پاران نشانو بڻايو ويو ۽ واپس موٽڻ تي مجبور ڪيو ويو

تهران (م ڊ) هرموز آبنائي کولڻ کان صرف 24 ڪلاڪ پوءِ، هڪ ڀيرو ٻيهر تڪرار وڌي ويو آهي ۽ ايران هن اهم ترين تيل جي پاڻي جي رستي کي ٻيهر بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. انٽرنيشنل ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي جي مطابق، ٻن اي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4



ملتان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني حج پانڌيئڙن کي خطاب ڪري رهيو آهي

معرڪ مئي ۾ دشمن پاڪستان جي طاقت ۽ هنرمندي ڏسي دنگ رهجي ويو: ايئر چيف مارشل

عالمي سطح تي امن جي لاءِ سياسي، عسڪري قيادت جون ڪوششون تعريف جوڳيون آهن

عالمي امن جي لاءِ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوششن کي خصوصي طور تي تعريف ڪريان ٿو

معرڪ حق ۽ بنيان المرصوص ۾ پاڪ فوج جي حڪمت عملي سيني ڏني، پاڪ فضائيه دشمن جا جهاز ڪيرائي نئين تاريخ به رقم ڪئي

اسلام آباد (بيورو) ايئرچيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو چيو آهي ته گذريل سال مئي ۾ آپريشن بنيان المرصوص ۾ دشمن پاڪستان جي طاقت ۽ هنرمندي ڏسي دنگ رهجي ويو پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ پاسنگ آئوٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پاڪستان مان حج آپريشن جي شروعات، ڪراچي کان پهرين اڏام ۾ 160 حاجين کي کڻي رواني ٿي وئي

سنڌ جي گورنر نهال هاشمي ۽ مذهبي معاملن واري وزارت جي اعليٰ اختيارين حاجين کي رخصت ڪيو ۽ مبارڪباد ڏني

ڪراچي ايئرپورٽ تان 31 هزار کان وڌيڪ حاجي سڳورا مقدس جڳهين جي لاءِ روانو ٿيندا

روڊ ٽو مڪه پراجيڪٽ جي تحت سعودي اختيارين حاجين جي ون ٽائيم اميگريشن ڪراچي ايئرپورٽ تي ئي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مان حج آپريشن جي اڄ کان شروعات ٿي وئي آهي. ڪراچي مان نجي ايئرلائن جي ذريعي پهرين حج اڏام 160 حاجين کي کڻي رواني ٿي وئي. سنڌ جي گورنر نهال هاشمي ۽ مذهبي معاملن واري وزارت جي اعليٰ اختيارين ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

اسلام آباد، پنڊي ۽ پشاور سميت ٻين شهرن ۾ زلزلو

زلزلي جي شدت 5.5 رڪارڊ ڪئي وئي ۽ ان جي ڪوٽائي 199 ڪلوميٽر زمين هيٺ هئي

زلزلي جو مرڪز هندوڪش هو. ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جي ڪا به رپورٽ ناهي ملي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد، راولپنڊي ۽ پشاور سميت ٻين شهرن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي مرڪز موجب، سوات، هنگو، اٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

اسان روز ٽرمپ جا ڌمڪين ۽ جنگين وارا بيان نٿا ٻڌي سگهون: برازيلي صدر

اسان روز صبح جو اٿي ٽرمپ جا ٽوئيٽ نٿا ٻڌي سگهون، جيڪو دنيا کي ڌمڪيون ڏيندو هجي

هڪ ملڪ جو صدر ٻئي ملڪ جي چونڊن ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي

ميڊرڊ (م ڊ) برازيل جي صدر لوئيز اناسيو لولا ڊي سلوا آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته اسان روز صبح جو اٿي ۽ رات جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان گڏيل عرب امارتن کي ٻه ارب ڊالرن جي ادائيگي ڪري ڇڏي

اها رقم سيف ڊپازٽ طور پاڪستان جي اڪائونٽ ۾ رکيل هئي: اسٽيٽ بينڪ جو ترجمان

ڪجهه ڏينهن اڳ موجوده عالمي صورتحال کي ڏسندي يو اي اي رقم جي فوري طور واپسي جو مطالبو ڪيو هو

پاڪستان ان رقم تي 6 سيڪڙو جي شرح سان وياج ادا ڪري رهيو هو. يو اي اي ان رقم کي اڳ سالياني بنياد تي رول اوور ڪري رهيو هو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان گڏيل عرب امارتن کي ٻه ارب ڊالرن جي ادائيگي ڪري ڇڏي، اسٽيٽ بينڪ ترجمان موجب اها رقم سيف ڊپازٽ طور پاڪستان جي اڪائونٽ ۾ هئي، ذريعن موجب ڪجهه ڏينهن اڳ موجوده عالمي صورتحال کي ڏسندي يو اي اي رقم جي فوري طور واپسي جو مطالبو ڪيو هو. جنهن تي پاڪستان قرض واپسي جو فيصلو ڪيو. ناڻي واري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

قطر کان گئس اينڊي ئي لوڊشيڊنگ ختم ڪبي: وفاقي توانائي

قطر کان اينڊڙ 5 ڏينهن ۾ 4 ايل اين جي ڪارگو پاڪستان پهچندا. قطر کان گئس اينڊي ئي لوڊشيڊنگ ختم ٿي ويندي

ياد رکڻ گهرجي ته جيئن جيئن ملڪ ۾ گرمي جي شدت وڌندي آهي، تيئن تيئن غير اعلانيه لوڊشيڊنگ ۾ غير معمولي اضافو ٿيو آهي

ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 4 هزار ميگاواٽ تائين آهي، مختلف شهرن ۾ بجلي جي ڊگهي غير اعلانيه بندش جاري آهي

پشاور جي شهري علائقن ۾ 6 ڪلاڪ ۽ مضافاتي علائقن ۾ 14 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي توانائي وزير اويس لغاري چيو آهي ته قطر کان اينڊڙ 5 ڏينهن ۾ 4 ايل اين جي ڪارگو پاڪستان پهچندا. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي وفاقي توانائي وزير اويس لغاري چيو ته قطر کان گئس اينڊي ئي لوڊشيڊنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

دادو ۾ نامعلوم هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

فائرنگ ۾ سڄاد ڪوسو قتل ٿي ويو مقتول جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو

لاش اسپتال دادو منتقل نوجوان کي قتل ڪندڙ جوابدارن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي

دادو (رپورٽر) دادو ۾ نامعلوم مبينا هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ مهمان ٿي آيل ڪوٺڙي واسي نوجوان سڄاد ڪوسو قتل ٿي ويو مقتول جو لاش اسپتال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ 153 هين پي ايم اي لانگ ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ منعقد

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان ملٽري اڪيڊمي (پي ايم اي) ڪاڪول ۾ 153 هين پي ايم اي ل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ناڻي واري وزير جي سٽي بينڪ جي نمائندن سان ملاقات

ريزيلنس اينڊ سسٽين ايبلٽي فيسيليٽي (آر ايس ايف) جي ٻئي جائزي لاءِ اسٽاف ليول معاهدو مڪمل ڪري ورتو

پاڪستان هن مهيني 1.4 ارب ڊالر جو يورو بانڊ ڪاميابي سان ادا ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب عالمي بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جي بهار اجلاس 2026ع جي موقعي تي سٽي بين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

هلندڙ سال حج پانڌيئڙن لاءِ سهولت کي گذريل سال جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر بڻايو پيو وڃي: وفاقي وزير

انهن لاءِ محفوظ سفر جي خواهش ۽ ڪنهن به قسم جي پريشاني کان پاڪ سفر لاءِ اميد جو اظهار ڪيو

وفاقي وزير حج پانڌيئڙن تي زور ڀريو ته حج دوران سعودي قانونن جي مڪمل پابندي ڪن

اسلام آباد (بيورو) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف تصديق ڪئي آهي ته هلندڙ سال حج پانڌيئڙن لاءِ سهولتن کي گذريل سال ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

مظفر ڳڙهه ۾ اڻڄاتل ماڻهن ڳئون جي زبان ڪپي ڇڏي

مظفر ڳڙهه (م ڊ) پنجاب جي ضلعي مظفر ڳڙهه ۾ اڻڄاتل ماڻهن ڳئونءَ جي زبان ڪپي ڇڏي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ناڻي واري وزير جي ايس اينڊ پي گلوبلز ريٽنگز جي نمائندن سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب عالمي بينڪ ۽ آءِ ايم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: ڪتي جي چڪ کان بچاءُ ۽ ريبيز ڪنٽرول بابت سيمينار ٿي رهيو آهي

اسلام آباد ۾ ايچ آءِ وي جي پکيڙ تيزي سان جاري، 618 نوان ڪيس رپورٽ

وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ ايچ آءِ وي جي پکيڙ تيزي سان جاري آهي

اسلام آباد ۾ ايچ آءِ وي جا 2025 ۾ 498 ڪيس رپورٽ ٿيا: سرڪاري رپورٽ

اسلام آباد (بيورو) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ ايچ آءِ وي جي پکيڙ تيزي سان جاري آهي. سرڪاري رپورٽ موجب اسلام آباد ۾ ايچ آءِ وي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

واپار واري وفاقي وزير سان آر سي سي آءِ جي وفد جي ملاقات

پنهنجي تازي آمريڪا جي دوري ڪانپوءِ تفصيلي بريفنگ ڏني

جنهن ۾ ٻه طرفي واپار ۽ سيڙپڪاري جي مستقبل جي موقعن تي روشني وڌي وئي

اسلام آباد (بيورو) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان راولپنڊي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (آر سي سي آءِ) جي صدر عثمان شوڪت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

آمريڪا _ ايران ڳالهين جي تاريخ ۽ وقت اڃا تائين طئي نه ٿيو آهي: ذريعا

واشنگٽن (م ڊ) ايران _ آمريڪا ڳالهين جي حوالي سان، اعليٰ سرڪاري ذريعا چون ٿا ته ڳالهيون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: گورنر سيد محمد نهال هاشمي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حج پانڌيئڙن کي رخصت ڪرڻ جي موقعي تي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: ڪتي جي چڪ کان بچاءُ ۽ ريبيز ڪنٽرول سيمينار ۾ فوري گڏيل قدمن تي زور

سرڪاري ادارن، صحت جي ماهرن ۽ سول سوسائٽي وچ ۾ گڏيل ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ جي سلسلي ۾ سيمينار منعقد ٿيو

سيمينار ۾ پاليسي سازن، طبي ماهرن، سرڪاري عملدارن، سول سوسائٽي جي نمائندن، ميڊيا پروفيشنلز ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي

سال 2025 دوران ملڪ ۾ ڪتي جي چڪ جا لڳ ڀڳ 6 لک ڪيس رپورٽ ٿيا: ڊاڪٽر نسيم صلاح الدين

ڪراچي (رپورٽر) ريبيز جي وڌندڙ عوامي صحت جي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ سرڪاري ادارن، صحت جي ماهرن ۽ سول سوسائٽي وچ ۾ گڏيل ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ جي سلسلي ۾ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ ان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر19اپريل 2026ع بمطابق 30شوال المڪرم 1447ھ

آمريڪا ايران ڇڪتاڻ ۾ ثالثي ۽ ڀارت لاءِ نئون چيلينج

غلام مصطفيٰ جمالي

عالمي سياست جي تاريخ هميشه طاقت، مفادن، اثر رسوخ ۽ حڪمت عملي جي هڪ ڏکيي ۽ پيچيده جدوجهد رهي آهي جنهن ۾ هر ملڪ پنهنجي بقا، سلامتي ۽ قومي مفادن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مختلف حڪمت عمليون اختيار ڪندو رهيو آهي ڪڏهن جنگ ذريعي ڪڏهن سفارتڪاري ذريعي ۽ ڪڏهن اقتصادي دٻاءُ ذريعي دنيا جا وڏا ملڪ پنهنجي اثر کي برقرار رکڻ لاءِ هر دور ۾ نوان طريقا اختيار ڪندا رهيا آهن اهڙي عالمي نظام ۾ ڪنهن به ملڪ لاءِ اهو انتهائي ڏکيو هوندو آهي ته هو ٻن وڏين ۽ مخالف طاقتورن ڌرين جي وچ ۾ اعتماد جو پل بڻجي سگهي خاص طور تي جڏهن اهي ڌريون ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هڪ ٻئي جي مخالف هجن ۽ انهن جي وچ ۾ شڪ ۽ بي اعتمادي جون گهريون جڙون موجود هجن اهڙي صورتحال ۾ ثالثي جو ڪردار ادا ڪرڻ صرف سفارتي مهارت نه پر هڪ انتهائي حساس حڪمت عملي جو نتيجو هوندو آهي جنهن ۾ توازن اعتماد ۽ غير جانبداري بنيادي اهميت رکن ٿا اڄ جي عالمي حالتن ۾ پاڪستان جو امريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ ڪردار هڪ اهم سفارتي پيش رفت طور سامهون آيو آهي جنهن کي نه صرف خطي جي سياست ۾ پر عالمي سطح تي به وڏي اهميت سان ڏٺو پيو وڃي ٿو هي ڪردار پاڪستان جي خارجي پاليسي ۾ هڪ نئين سوچ ۽ نئين رخ جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ ملڪ هاڻي صرف ردعمل واري سفارتڪاري تائين محدود نه رهيو آهي پر فعال ۽ اثرائتي ثالثي واري پاليسي ڏانهن وڌي رهيو آهي تازن بين الاقوامي رپورٽن ۽ تجزين ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي ته پاڪستان کي امريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ رابطن کي بهتر بڻائڻ ۽ ڳالهين جي فضا پيدا ڪرڻ ۾ هڪ اهم پل جي حيثيت حاصل ٿي آهي هي ڳالهه خاص طور تي ان وقت وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ٿي جڏهن وچ اوڀر ۽ عالمي سطح تي سياسي ڇڪتاڻ پنهنجي عروج تي آهي ۽ مختلف طاقتور ملڪ هڪ ٻئي سان اعتماد جي بحران مان گذري رهيا آهن اهڙي ماحول ۾ ڪنهن ٽئين ملڪ جو ڪردار جيڪو پنهي ڌرين سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿو

پاڪستان جي جغرافيائي حيثيت به ان کي هڪ منفرد مقام ڏئي ٿي اهو ملڪ ڏکڻ ايشيا وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا جي سنگم تي موجود آهي جنهن ڪري اهو مختلف سياسي ۽ اقتصادي رستن جو اهم مرڪز بڻجي ٿو اهڙي جغرافيائي اهميت ڪنهن به ملڪ کي عالمي سفارتڪاري ۾ خاص مقام ڏئي ٿي ڇو ته اهو مختلف خطن ۽ طاقتورن ملڪن جي وچ ۾ رابطا قائم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو امريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تڪرار ڪا نئين ڳالهه ناهي پنهي ملڪن جي وچ ۾ سياسي نظرياتي ۽ اقتصادي اختلاف گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان جاري آهن ڪڏهن ايٽمي مسئلو ڪڏهن اقتصادي پابنديون ۽ ڪڏهن علائقائي اثر رسوخ جي جنگ هن ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌائيندي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به ٽئين ملڪ جي ثالثي انتهائي نازڪ ۽ حساس عمل هوندو آهي ڇو ته هڪ ننڍڙي غلطي به پوري خطي کي وڌيڪ بحران ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي پاڪستان جي لاءِ هي موقعو صرف سفارتي ڪاميابي نه پر هڪ وڏي ذميواري به آهي ڇو ته ثالثي جو عمل صرف بيانن ۽ ملاقاتن تائين محدود نه هوندو آهي پر ان ۾ مسلسل اعتماد پيدا ڪرڻ صبر حڪمت عملي جي ضرورت هوندي آهي پاڪستان جي ڪوشش کي عالمي سطح تي ساراهيو پيو وڃي ۽ مختلف ميڊيا ادارن ان کي خطي ۾ امن جي بحالي لاءِ هڪ اهم قدم قرار ڏنو آهي هڪ اهم بين الاقوامي نشرياتي اداري پنهنجي رپورٽ ۾ پاڪستان جي ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته هي قدم نه صرف خطي ۾ امن لاءِ فائديمند ٿي سگهي ٿو پر عالمي سفارتڪاري ۾ به هڪ نئون معيار قائم ڪري سگهي ٿو رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو ته پاڪستان جي هي ڪاميابي ڀارت لاءِ هڪ اهم سفارتي اشارو آهي جيڪو ان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي تي ٻيهر غور ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو وائيٽ هائوس جي ترجمان طرفان پاڪستان جي ڪوشش جي تعريف پڻ هن ڳالهه کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي جڏهن هڪ عالمي طاقت ڪنهن ملڪ جي ثالثي کي مؤثر قرار ڏئي ٿي ته اهو ان ملڪ لاءِ سفارتي طور وڏي ڪاميابي سمجهي ويندي آهي اهڙو اظهار پاڪستان جي عالمي ساک کي مضبوط ڪري ٿو ۽ ان جي سفارتي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿو ٻئي پاسي ايران ۾ پاڪستاني سفير جو اهو بيان ته ايران ٻين ملڪن تي اعتماد نه ٿو ڪري ۽ پاڪستان کي ئي هڪ قابل اعتماد وچولي ملڪ طور ڏسي ٿو صورتحال کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو هي اعتماد ڪنهن به ثالثي عمل جي ڪاميابي لاءِ بنيادي عنصر آهي ڇو ته بغير اعتماد جي ڪنهن به ڳالهه ٻولهه جو عمل اڳتي نٿو وڌي سگهي

هاڻي جيڪڏهن هن صورتحال کي وسيع تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته پاڪستان جو هي ڪردار صرف هڪ سفارتي قدم نه پر هڪ نئين عالمي رجحان جي شروعات ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ وچولي ۽ ترقي پذير ملڪ به عالمي امن ۽ توازن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا اهو رجحان عالمي سياست ۾ طاقت جي روايتي تصور کي به تبديل ڪري سگهي ٿو جتي صرف وڏيون طاقتون ئي فيصلا ڪندڙ نه هجن پر هن سڄي عمل سان گڏ ڪيترائي چيلينج به جڙيل آهن سڀ کان وڏو چيلينج پاڪستان جي لاءِ اهو آهي ته ڇا هو هن ڪردار کي مستقل طور تي جاري رکي سگهي ٿو يا نه ڇو ته عالمي سفارتڪاري ۾ هڪ ڪامياب قدم ڪافي نه هوندو آهي پر مسلسل اعتماد ۽ مستقل مزاجي ضروري هوندي آهي پاڪستان جي اندروني صورتحال به ان جي خارجي سفارتي ڪردار تي سڌو اثر وجهي ٿي جيڪڏهن ملڪ اندر سياسي عدم استحڪام معاشي دٻاءُ يا انتظامي ڪمزوري موجود هجي ته اهڙي حالت ۾ عالمي سطح تي مضبوط ڪردار ادا ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي تنهنڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي اندروني نظام کي به مستحڪم ڪري خطو اڳ ئي ڪيترن ئي بحرانن مان گذري رهيو آهي توانائي جو بحران معاشي دٻاءُ سياسي ڇڪتاڻ ۽ سيڪيورٽي جا مسئلا هن خطي کي وڌيڪ حساس بڻائي رهيا آهن اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به سفارتي ڪوشش کي انتهائي احتياط ۽ ذميواري سان اڳتي وڌائڻ جي ضرورت هوندي آهي

ڀارت جو نالو به هن سڄي صورتحال ۾ بار بار اچي رهيو آهي بين الاقوامي ميڊيا جي تجزين موجب پاڪستان جي هي ڪاميابي ڀارت لاءِ هڪ نئون چيلينج آهي ڇو ته ان سان پاڪستان جي عالمي حيثيت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ خطي ۾ ان جو اثر رسوخ وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو

ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ مقابلي جي روايت پراڻي آهي پر هاڻي هي مقابلو صرف سرحدي يا فوجي نه رهيو آهي پر سفارتي ۽ عالمي اثر رسوخ تائين وڌي چڪو آهي پاڪستان جي ثالثي واري ڪردار سان هي مقابلو وڌيڪ سفارتي رخ اختيار ڪري رهيو آهي ميڊيا جو ڪردار به هن سڄي عمل ۾ انتهائي اهم آهي ڇو ته عالمي راءِ سازي ميڊيا ذريعي ئي ٿيندي آهي جڏهن ڪنهن ملڪ جي ڪوشش کي مثبت انداز ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو ته ان جو اثر عالمي سطح تي واضح طور تي نظر اچي ٿو جيڪڏهن پاڪستان هن موقعي کي صحيح حڪمت عملي سان استعمال ڪري ٿو ته اهو نه صرف خطي ۾ امن جي بحالي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو پر عالمي سفارتي نظام ۾ به هڪ اهم ۽ بااعتماد ملڪ طور سامهون اچي سگهي ٿو آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان جو امريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي وارو ڪردار هڪ نئون سفارتي باب آهي جيڪو جيڪڏهن مستقل مزاجي بصيرت ۽ توازن سان اڳتي وڌايو ويو ته پاڪستان عالمي سياست ۾ هڪ اهم مقام حاصل ڪري سگهي ٿو هي سڄي صورتحال ڀارت سميت ٻين ملڪن لاءِ به هڪ واضح پيغام آهي ته جديد عالمي سياست ۾ اثر رسوخ صرف طاقت سان نه پر اعتماد توازن ۽ هوشيار سفارتي حڪمت عملي سان حاصل ڪيو ويندو آهي.

مرد درن جو درياءُ سورن جو سمنڊ هوندو آهي

فقير صابر حسين راڄڙ

هر انسان پنهنجي سوچ ۽ فطرت مطابق سوچيندو آهي ان ڪري اڪثر ڪري عورتن جو خيال هوندو آهي ته مرد جڏهن به روئيندو آهي ته ان جي روئڻ ۾ به مفاد هوندو آهي ڇو ته مرد جا ڳوڙها مگر مڇ (واڳون) وارا هوندا آهن پر حقيقت اها آهي ته مرد جڏهن روئيندو آهي ته اهو ان وقت ڏکن جي انتها کان به اڳتي وڌي چڪو هوندو آهي ڇو ته ڪجهه ته مرد اهڙو ڪو قيمتي اثاثو وڃايو آهي جيڪو ان پنهنجي زندگي جي ميراث سمجهي ڪڏهن ڪان سنڀالي رکيو هيو ڪو ته اهڙو خواب هوندو آهي جيڪو مرد جي اکين مان نڪري وڪڙي ويو هوندو آهي جنهن جي ساپيان ٿي نه آهي سگهندي ڪو ته اهڙو ڏک هونداٿس جيڪو دل کي چيري روح تائين پهچي ان کي اندران رتو رت ڪري زخمي ڪري چڪو هوندو آهي جنهن جي ڪري اندر ۾ ڳوڙهن جي درياءَ جا بند ٽٽي پوندا اٿس مرد جا درد گهرا ٿيندا آهن جنهن کي سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي هوندي خاص ڪري عورتن کي مردن جا درد سمجهه ۾ ايندا ئي ڪو نه آهن جڏهن مرد ڪنهن کي محبوب سمجهي پنهنجي زندگي جي انمول شخصيت سمجهي ويهندو آهي ۽ اهو به ان جي محبت جي گهرائي کان وٺي اندر جي اڌمن ۽ جذبات کي سمجهي نه آهي سگهندو جنهن جي ڪري مرد جي دردن جو احساس سندس محبوب کي به نه آهي هوندو مردن جو محفل ۾ هجومن ۾ نه روئڻ جو سبب مرد جي بهادري ۽ مردانگي هجڻ جو دليل نه آهي پر اصل ۾ مرد ٻين جو سهارو هجڻ جي ڪري پڻ ڏکوئيلن کي دلاسو ڏيڻ وارو هوندو آهي ڇو ته روئڻ ڪمزور ۽ بي سهارا هجڻ جو دليل آهي اصل ۾ مرد هوئڻ به هجومن ۾ نه آهن روئندا ڇو ته مرد بظاهر مجبور نه آهي هوندو پر عام چيو ضرور ويندو آهي ته هر مرد جي ڪاميابي جي پٺيان هڪ عورت جو هٿ ضرور آهي ان ۾ ڪيتري حقيقت ۽ صداقت آهي اهو چئي نه ٿو سگهجي پر اها عام مشاهدي مان حقيقت واضع ٿيندي معلوم ٿي رهيو آهي ته هر مرد جي تباهي پٺيان هڪ عورت جو هٿ ضرور هوندو آهي جيڪا ان مرد کان جدائي ڪرڻ واري محبوبه هوندي آهي قصور ته عورت جو به نه آهي هوندو پر اها پنهنجي بيوفائي واري فطرت کان مجبور هوندي آهي ۽ محبوب چئبو ئي ان کي آهي جنهن جي فطرت ۾ بيوفائي سمايل هجي اها به حقيقت آهي ته مرد اگر هٿ ڇڏائي وڃڻ چاهي ته ان کي هٿ وڏائي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ٿي سگهي ٿو ته مرد رڪجي وڃي پر اگر عورت هٿ ڇڏائي وڃڻ چاهي ته ان کي روڪڻ بجاءِ وڃڻ ڏجي ڇو ته عورت هٿ ڇڏائڻ کان پهريان ئي وڃي چڪي هوندي آهي جڏهن ته اهو ڪيئن ممڪن ٿي ٿو سگهي ته مرد جي دل ۾ ڏک نه هجن ڇو ته مرد به انسان آهي ڪو ملائڪ ته نه آهي مرد جا جذبات خواهشات سان گڏ مرد ۾ محبت ڪرڻ واري فطرت به سمايل هوندي اٿس جڏهن ته ڏک هونداٿس محبت ڪرڻ وارن جي دل ۾ هن ۽ مرد محبت ڪرڻ جا عملي پيڪر هوندا آهن تنهن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڏکن کان ستايل ۽ گهايل مرد جي سرخ شعلن سان ڀريل اکڙين ۾ ضرور جهاتي پائي ڏسڻ گهرجي ته ضرور محسوس ٿيندو ته مرد ڏک ۾ ڪيترو تنها ٿي زندگي گذاري رهيو آهي مرد جي فطرت ۾ ذميواري ۽ وفا سمايل هوندي آهي جنهن جي ڪري مرد هميشه ٻين کي فائدو ڏيڻ خاطر پنهنجي زندگي گنوائي ويهندا آهن مطلب ٻين لاءِ جيئڻ وارن کي ٿي ته مرد چئبو آهي مرد جڏهن حد کان وڌيڪ مخلص ٿي ويندو آهي ته هو پنهنجي جذبات ۽ احساسات کان وٺي خواهشات جي حفاظت ڪرڻ وساري ويهندو آهي ۽ پوءِ هو بس ٻين لاءِ پنهنجي دل جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي مگر اڪثر اهي کليل دروازا تڪليف جو سبب بڻجي ويندا آهن جنهن کي مرد برداشت ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ جي طاقت رکندا آهن خلوص محبت ۾ ٻڏي ويل شخص هر تعلق کي عبادت سمجهي واجب ۽ فرض وانگر نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي مگر جڏهن جواب نااميدي مايوسي بي حسي خود غرضي يان خاموشي ۾ ملندو آهي ته مرد جي دل ٽٽڻ سان گڏ اندر ٿي اندر زخمي به ٿيندي رهندي آهي جنهن کي ناسور بڻجي سگهجي ٿو ۽ اهو هڪ لڪل درد ٿي ته هوندو آهي جنهن جي ڪري مرد کي دل جو اٽيڪ ٿي ويندو آهي ڇو ته اصل مرد انهن دردن جي ڪري رڙڪيون ڪري سڏي طرح روئي به نه آهي سگهندو ۽ نه ئي ڪنهن سان شڪايت ڪري اندر جو احوال ڏئي سگهندو آهي ڇو ته اندر جو احوال ڏيڻ لاءِ سندس لاءِ محبوبه ٿي هڪ انمول سهارو هئي جنهن جي جدائي جو سور سهندو رهندو آهي جنهن جي ڪري بس هڪ خاموش اذيت جي صورت ۾ دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهجي ويندو آهي تنهن ڪري چيو ويندو آهي ته مرد دردن جو درياءُ ۽ سورن جو سمنڊ هوندو آهي جنهن جي گهرائي جي خبر ڪنهن کي به نه آهي پئجي سگهندي اهڙا ماڻهون دنيا جي هجومن ۾ شور شرابن ۾ به اڪيلا هوندا آهن ڇو ته انهن جو خلوص دنيا جي سطحي ترجيحات کان ڪيترو ئي بلند هوندو آهي اها بلندي مردن کي اڪثر ڪري بيوس ڪري ڇڏيندي آهي اڪثر مرد حسرتن جا ماريل هوندا آهن جنهن جي ڪري اڻين ئي سوچيندا رهندا آهن جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته

اکڙين اليون ڪو ته اکهي هان تون نه هجين هان ڪو ٻيو ٿي هجي هان
هيان هندور وڪو ته لڏي هان تون نه هجين هان ڪو ٻيو ٿي هجي هان

ڇا ڪڻڪ اسڪينڊل ۾ ملوث خلاف ڪارروائي ٿيندي؟

رپورٽن موجب خوراڪ کاتي جي گودامن ۾ 31 ارب 63 ڪروڙ رپين جي ڪڻڪ جو نقصان ٿيو آهي. جڏهن ته هڪ لک اٺ هزار ٽن ڪڻڪ پراسرار طور غائب ٿي وئي آهي، جنهن جي قيمت 15 ارب رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي، سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اها رڳو لاپرواهي آهي يا هڪ منظم ڪرپشن جو نيٽ ورڪ ڪم ڪري رهيو آهي؟ سنڌ حڪومت کي ڏنل بريفنگ ۾ جيڪي تفصيل سامهون آيا آهن، اهي انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. هزارين ٽن ڪڻڪ جو گودامن مان غائب ٿي وڃڻ ڪنهن هڪ فرد جي غفلت جو نتيجو نٿو ٿي سگهي اهو هڪ اهڙو منظم عمل لڳي ٿو، جنهن ۾ ڪيترائي هٿ شامل آهن. وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته 68 هزار ٽن ڪڻڪ ۾ مٽي ۽ ريتي ملائي ان کي ناقابل استعمال بڻايو ويو آهي. اهو عمل رڳو ڪرپشن نه، پر انساني صحت سان کيڏڻ جي برابر آهي. ڇا اهڙي سنگين ڏوهه ۾ ملوث ماڻهن کي صرف نوڪري مان برطرف ڪرڻ ڪافي هوندو؟ هي اسڪينڊل ان ڳالهه جو به ثبوت آهي ته خوراڪ جي ذخيرن جي نگراني لاءِ موجود نظام مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن گودامن ۾ پيل ڪڻڪ جي حفاظت لاءِ ڪو موثر نظام هجي ها ته، نه ته اها ڪڻڪ چوري ٿي سگهي ها، نه ئي ان ۾ ملاوٽ ٿي سگهي ها. سوال اهو آهي ته اهي گودام ڪنهن جي نگراني هيٺ هئا؟ ڇا انهن گودامن جي باقاعده آڊٽ ٿيندي هئي؟ جيڪڏهن ٿيندي هئي ته پوءِ اهي بي ضابطگيون ڇو نظرانداز ٿيون؟ حڪومت طرفان 20 کان وڌيڪ آفيسرن کان وضاحت طلب ڪرڻ ۽ اينٽي ڪرپشن ۽ نيب کي ڪيس موڪلڻ جا قدم بظاهر مثبت آهن، پر ماضي جو تجربو اهو ٻڌائي ٿو ته اهڙا اڪثر اسڪينڊل وقت سان گڏ ختم ٿي وڃن ٿا. ڪجهه آفيسر معطل ٿين ٿا، ڪن کي بدلي ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪجهه سالن کانپوءِ وري ٻيهر اهي ساڳين عهدن تي نظر ايندا آهن. جيڪڏهن هن ڀيري به ايئن ئي ٿيو ته پوءِ عوام جو حڪومتي ادارن مان اعتماد مڪمل طور ختم ٿي ويندو سنڌ ۾ اڳ به اهڙا ڪيترائي اسڪينڊل سامهون اچي چڪا آهن، جن ۾ اربين رپين جي ڪرپشن ٿي، پر انهن مان ڪيترائي ڪيس منطقي انجام تائين نه پهتا. اهوئي سبب آهي جو سرڪاري ادارن ۾ احتساب جو خوف تقريبن ختم ٿي چڪو آهي. جڏهن احتساب نه هوندو ته ڪرپشن کي هٿي ملندي ۽ جڏهن ڪرپشن وڌندي، ته عوام جا حق پائمال ٿيندا ڪڻڪ جهڙي بنيادي خوراڪ ۾ ڪرپشن جو مطلب آهي ته غريب ماڻهوءَ جي ماني تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي. سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ اڳ ئي غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائي جا مسئلا موجود آهن. جيڪڏهن انهن حالتن ۾ به خوراڪ جي فراهمي متاثر ٿي ته ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. اهو رڳو معاشي مسئلو نه، پر هڪ سماجي بحران بڻجي سگهي ٿو ان لاءِ اسان کي پنهنجي خوراڪ جي فراهمي جي نظام کي جديد بڻائڻو پوندو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اناج جي ذخيرن جي نگراني لاءِ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڊجيٽل ٽريڪنگ، خودڪار نگراني ۽ باقاعده آڊٽ شامل آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ به اهڙا نظام متعارف ڪرايا وڃن، ته اهڙين بي ضابطگين کي روڪي سگهجي ٿو ان کان علاوه، گودامن جي حالت به هڪ وڏو مسئلو آهي. ڪيترائي سرڪاري گودام پراڻا ۽ غير معياري آهن. جتي ڪڻڪ کي محفوظ رکڻ لاءِ مناسب سهولتون موجود ناهن. اهڙي ماحول ۾ ڪڻڪ خراب ٿيڻ جا امڪان وڌي وڃن ٿا. حڪومت کي گهرجي ته هو گودامن جي بهتري لاءِ خاص فنڊ مختص ڪري ۽ انهن کي جديد معيارن مطابق بڻائي ساڳي وقت، احتساب جي نظام کي به مضبوط ڪرڻ ضروري آهي. صرف ڪيس داخل ڪرڻ ڪافي ناهي، پر انهن کي جلد ۽ شفاف طريقي سان انجام تائين پهچائڻ به ضروري آهي. جيڪڏهن ملوث ماڻهن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن، ته اهو ٻين لاءِ هڪ مثال بڻجي سگهي ٿو هي اسڪينڊل حڪومت لاءِ هڪ امتحان آهي جيڪڏهن حڪومت هن معاملي کي سنجيدگي سان وٺي ۽ ملوث ماڻهن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي، ته اهو عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ٻي صورت ۾، اهو اسڪينڊل به ماضي جي ٻين اسڪينڊلن وانگر وساري ڇڏيو ويندو ۽ ڪرپشن جو اهو سلسلو جاري رهندو

سو اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جو هي اسڪينڊل محض ڪرپشن جو معاملو ناهي، پر اهو هڪ قانوني ۽ اخلاقي ڏوهه پڻ آهي. اهو اسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته ڇا اسان جو نظام عوام جي خدمت لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي يا ڪجهه مخصوص ماڻهن جي مفادن لاءِ؟ جيڪڏهن اسان کي پنهنجي مستقبل کي محفوظ بڻائڻو آهي، ته اسان کي اهڙين بدعنوانين خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻي پوندي عوام هاڻي صرف بيانن سان مطمئن ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. هو نتيجا چاهي ٿو ۽ جيڪڏهن حڪومت انهن جي اميدن تي پورو نه لٿي ته ان جا نتيجا به سامهون اچي سگهن ٿا. سنڌ جي ماڻهن کي سندن حق ڏيڻ لاءِ هاڻي صرف ڳالهين نه، پر عملي قدم کڻڻ جو وقت اچي چڪو آهي

بقايا 01

هم آواز ٿي ثقافتي ورثي جو عالمي ڏينهن پرعزم انداز ۾ ملهائي رهيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته هو اڄ پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ اهڙن ماڻهن کي دلي طور خراج تحسين پيش ڪري ٿو جيڪي گڏيل ثقافتي ورثي جهڙن قيمتي اثاثن جي تحفظ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن. هن چيو ته عالمي سطح تي ثقافتي ورثي لاءِ ڏينهن مخصوص ڪرڻ ان جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ثقافتي ورثو سماجي جدت ۽ ان جي ماضي جو امين آهي ۽ حال جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ مستقبل جو ضامن آهي. هن چيو ته پاڪستان جو ثقافتي ورثو گهڻ رخي تهذيب ۽ تمدن سان سينگاريل آهي. پاڪ سرزمين دنيا جي قديم ترين تهذيبن جا رنگ پنهنجي اندر سمائي ويٺي آهي. اسان جو ورثو انساني تخليقي صلاحيت ۽ جدت جو خوبصورت مثال آهي، اسان جو اثاثو قومي ثقافت ۽ قومي سڃاڻپ آهي ۽ معاشرتي هم آهنگي جو اظهار آهي. ثقافتي قصا، ڪهاڻيون، زباني روايتون، موسيقي، دستڪاري ۽ علائقائي ٻوليون معاشري جي زنده دلي ۽ روح جي تازگي کي برقرار رکن ٿيون. هي ورثو مقامي علم جو محافظ ۽ تيزي سان تبديل ٿيندڙ دنيا ۾ روايتن جي تسلسل جي علامت آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان حڪومت ثقافتي ورثي کي قومي ترقي ۽ عالمي لاڳاپن ۾ اهم سمجهي ٿي، ڌيان طلب ثقافتي ورثي جي يونيسڪو جي حفاظتي فهرست ۾ شموليت لاءِ به ڪوششون جاري آهن. اهو ئي سبب آهي ته حڪومت ورثي کي دستاويزي شڪل ۾ محفوظ بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل ثقافتي پليٽ فارمز جي قيام ۾ به سيڙپڪاري ڪري رهي آهي. هي پليٽ فارمز روايتن کي محفوظ رکندا ۽ ڪين عالمي سطح تي ثقافتي سفارتڪاري، سياحت جي ترقي ۽ نوجوان نسل سان لاڳاپن کي به هٿي ڏيندا. هن چيو ته ثقافتي ورثي کي ماحولياتي تبديلي ۽ روايتي علم جي گهٽتائي جهڙا ڪيترائي چيلينجز درپيش آهن. حڪومت ڪميونٽيز علمي ادارن ۽ سول سوسائٽي جي اجتماعي ڪوششن سان ان جي ٿئين نسل تائين حفاظت سان منتقلي کي يقيني بڻائي سگهي ٿي. هن چيو ته اڄوڪي اهم ڏينهن تي سمورن پاڪستانين، خاص ڪري نوجوان نسل کي اپيل ڪريان ٿو ته هو پنهنجي ثقافتي ورثي تي فخر ڪن ۽ ان جي تحفظ ۽ هٿي وٺرائڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪن. اسان جو ثقافتي ورثو قومي سڃاڻپ ۽ اتحاد جو ذريعو آهي، سڀني کي گڏجي قومي انمول ميراث کي محفوظ بڻايون.

بقايا 02

هباز شريف جي رجب طيب اردوان سان بهترين ملاقات ٿي، جڏهن ته ٻين عالمي اڳواڻن سان به اهم ملاقاتون ٿيون جنهن ۾ بامقصد خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ اسحاق ڊار چيو ته انطاليه ڊپلوميسي فورم جو پليٽ فارم هڪ عالمي مڪالمي جي فضا ۾ تبديل ٿي چڪو آهي جيڪو امن، استحڪام ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ مختلف نقطہ نظر کي گڏ ڪري ٿو اسحاق ڊار چيو ته مان ترڪيه جي حڪومت ۽ عوام جو ٿورو ادا ڪريان ٿو جنهن جي گرمجوش ميزباني ۽ بهترين انتظامن انهي فورم کي ڪامياب بڻايو، خاص طور تي هاڪان فيدان جو به ٿورائتو آهيان. اسحاق ڊار چيو ته مان انقره ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ٽيم جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو جنهن هن دوري جي دوران شاندار مدد فراهم ڪئي. اسان تازو مصروفيتن جي آخري مرحلي کي ڪاميابي سان مڪمل ڪري وطن واپس اچي رهيا آهيون، هاڻ اسان پاڪستان واپسي جي سفر تي روانا آهيون. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف ايڪس تي جاري پيغام ۾ چيو ته مان خوبصورت شهر انطاليه مان روانو ٿي رهيو آهيان مان هتي پاڪستاني وفد جي شاندار مهمان نوازي ۽ گرمجوشي استقبال تي پنهنجي عزيزاءُ رجب طيب اردوان جو دل جي گهرائين سان ٿورائتو آهيان. وزيراعظم چيو ته مان انطاليه مان خوشگوار يادن سان روانو ٿي رهيو آهيان ۽ انهي ارادي سان گڏ ته اسان پنهي ملڪن جي وچ ۾ ڀائرپي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو. پاڪستان ۽ ترڪيه خطي ۾ دير تائين امن، استحڪام جي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ ۾ ويجهو تعاون جاري رکندا.

بقايا 03

ايران جي وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور سومر تي پاڪستان ۾ ٿيندو. آمريڪي خبررساني اداري سي اين اين موجب آمريڪا ايران ڳالهين جي شيڊول جي تصديق نه ڪئي آهي. ياد رهي ته پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين جو پهريون دور اسلام آباد ۾ ٿيو هو. آمريڪي وفد جي قيادت نائب آمريڪي صدر جي ڊي وينس ڪئي هئي جڏهن ته انهي سان گڏ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي نائي جيرڊ ڪشنر ۽ ٽرمپ جي خاص ايلچي اسٽيو وٽڪوف به شامل هو. ايراني وفد جي قيادت ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف ڪري رهيو هو ۽ ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي به انهي سان گڏ هو. اسلام آباد ۾ ڳالهين کان پوءِ پنهي وفدن ڪجهه معاملن تي اتفاق ڪندي هڪ ٻئي سان ملاقات تي راضپو ظاهر ڪيو هو.

بقايا 04

راڻي انقلابي گارڊ گن بوٽن آبنائي هرمز ۾ هڪ تيل ٽينڪر تي فائرنگ ڪئي. برطانيه جي ميري ٽائيم ٽريڊ آپريشن جي مطابق، فائرنگ جو واقعو عمان کان تقريبا 20 ناٽيڪل ميل اتر اوڀر ۾ آبنائي هرمز ۾ ٿيو تيل جو ٽينڪر ۽ عملو محفوظ آهن، ڪو به جاني نقصان نه ٿيو آهي. ٻئي طرف، شپنگ مانيٽرنگ گروپ ٽينڪر ٽريڪر دعويٰ ڪئي آهي ته ٻه جهازن جن ۾ هڪ هندستاني پرچم وارو سپر ٽينڪر شامل آهي، ايراني گن بوٽن پاران نشانو بڻايو ويو ۽ واپس موٽڻ تي مجبور ڪيو ويو. ڪجهه ميڊيا رپورٽن ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته ٻيو تيل ٽينڪر پڻ هندستان سان لاڳاپيل هو ان ڪري ٻن هندستاني پرچم واري تيل ٽينڪرن کي نشانو بڻايو ويو. رپورٽن موجب، هڪ ٻئي واقعي ۾، هڪ وڏو خام تيل جو ٽينڪر جيڪو لڳ ڀڳ 2 ملين بيرل عراقي تيل کڻي رهيو هو، کي به نشانو بڻايو ويو ان دوران ڊيجارينڊڙ گوليون پڻ هلايون ويون.

بقايا 05

وزارت جي ذريعن ٻڌايو ته پاڪستان ان رقم تي 6 سيڪڙو جي شرح سان وياج ادا ڪري رهيو هو. يو اي اي رقم کي اڳ سالياني بنياد تي رول اوور ڪري رهيو هو. ڊسمبر 2025 ۾ اها رقم هڪ مهيني لاءِ ۽ پوءِ ٻن مهينن لاءِ رول اوور ڪئي وئي. هوڏانهن پاڪستان کي سعودي عرب طرفان ٻه ارب ڊالر فنڊن جي مد ۾ وصول ٿيا آهن ۽ سعودي عرب 3 ارب ڊالر ڊپازٽ ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي.

بقايا 06

ختم ٿي ويندي. توانائي وزير اويس لغاري دعويٰ ڪئي ته هن وقت به لوڊشيڊنگ ڏيڍ ڪلاڪ کان وڌيڪ نه ٿي رهي آهي. ياد رکڻ گهرجي ته جيئن جيئن ملڪ ۾ گرمي جي شدت وڌندي آهي، تيئن تيئن غير اعلانيه لوڊشيڊنگ ۾ غير معمولي اضافو ٿيو آهي. ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 4 هزار ميگاواٽ تائين پهچي ويو آهي، جنهن جي ڪري مختلف شهرن ۾ بجلي جي ڊگهي غير اعلانيه بندش جاري آهي ڪراچي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ 10 کان 10 ڪلاڪن تائين بجلي غائب ٿيڻ لڳي، جڏهن ته راولپنڊي ۾ 8 کان 10 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ پڻ شهرين جي زندگي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ به 6.6 ڪلاڪن تائين بجلي کان سواءِ آهي، ۽ لاهور جي علائقن ۾ 5 کان 6 ڪلاڪن تائين بجلي غائب آهي، پشاور جي شهري علائقن ۾ 6 ڪلاڪ ۽ مضافاتي علائقن ۾ 14 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي.

بقايا 07

پوليس موجب افسوسناڪ واقعو مظفر ڳڙهه جي علائقي لنگر سرائي ۾ پيش آيو جتي ظالمن بي زبان جانور جي زبان ڪپي ڇڏي. ان حوالي سان لائيو اسٽاڪ عملي ٻڌايو ته ڳئون جي زبان تکي اوزار سان ڪپي وئي آهي ۽ اها کاڌو کائڻ لاءِ لاچار بڻيل آهي. هوڏانهن ڳئون جي مالڪ پوليس وٽ شڪايت داخل ڪرائيندي ڪارروائي جي درخواست ڪئي آهي. ڳئون جي مالڪ ٻڌايو ته اڳ به اڻڄاتل ماڻهو اسان جي ٻڪرين کي نقصان پهچائي چڪا آهن.

بقايا 08

ايف جي بهار اجلاس 2026ع جي موقعي تي ايس اينڊ پي گلوبل ريٽنگز جي نمائندن سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ناڻي واري وزير ٻڌايو ته پاڪستان آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو مڪمل ڪري ورتو آهي ۽ جلد ان جي بورڊ مان منظوري متوقع آهي جنهن کانپوءِ ايندڙ قسط جاري ٿيندي. ناڻي واري وزارت مان جاري بيان مطابق سينيٽر محمد اورنگزيب ٻڌايو ته پاڪستان هن مهيني 1.4 ارب ڊالر جو يورو بانڊ ڪاميابي سان ادا ڪيو آهي. هن سعودي عرب طرفان 3 ارب ڊالر جي اضافي مالي معاونت ۽ 5 ارب ڊالر جي ڊپازٽ جي مدي ۾ 2028ع تائين جي توسيع جو به ذڪر ڪيو جنهن سان پرڏيهي مالي پوزيشن وڌيڪ مضبوط ٿيندي.

بقايا 09

سومر تي اسلام آباد ۾ ٿي رهيون آهن اعليٰ سرڪاري ذريعا موجب، آمريڪا_ايران ڳالهين جي تاريخ ۽ وقت اڃا تائين طئي نه ٿيو آهي. ٻئي طرف، ايراني نيوز ايجنسي تسنيم پڻ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران اڃا تائين آمريڪا سان ڳالهين جو ايندڙ مرحلو منعقد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. نيوز ايجنسي موجب، اهو ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران خلاف بحري بندش جي اعلان ۽ ڳالهين ۾ آمريڪا جي ضرورت کان وڌيڪ مطالبن جي ڪري آهي، جيڪي پيغامن جي تازي تبادلي ۾ جاري آهن. نيوز ايجنسي موجب ڇڪ ته، ايران اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته آمريڪا کان ضرورت کان وڌيڪ مطالبن کان پاسو ڪرڻ ڳالهين جي تسلسل لاءِ هڪ بنيادي شرط آهي، ٻي صورت ۾ ايران ڊگهي ۽ بيڪار ڳالهين ۾ وقت ضايع نٿو ڪرڻ چاهي. ايران جو اهو موقف پاڪستان ذريعي آمريڪي عملدارن تائين پهچايو ويو آهي.

بقايا 10

جا 2025 ۾ 498 ڪيس رپورٽ ٿيا، شهر ۾ جنوري 2025 کان مارچ 2026 تائين 618 نوان ايچ آءِ وي ڪيسز رپورٽ ٿيا. سرڪاري انگن اکرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسلام آباد ۾ هر مهيني 41 کان وڌيڪ ماڻهو ايچ آءِ وي جو شڪار ٿيا، ايچ آءِ وي متاثرين ۾ نوجوان مردن جي واضح اڪثريت آهي جن ۾ 64 سيڪڙو ڪيس بالغ مردن جا آهن. اختيارين موجب ايچ آءِ وي جي 618 ڪيسز ۾ 397 مرد، 106 عورتون، 93 ڪدڙا فقير ۽ 22 ٻار شامل آهن. سرڪاري رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسلام آباد ۾ 2026 جي پهرين ٽن مهينن ۾ 120 نوان ڪيس رپورٽ ٿيا. جولاءِ 2025 ۾ سڀني کان وڌيڪ 63 ڪيسز جون ۽ ڊسمبر ۾ گهٽ ترين 31_31 ڪيسز سامهون آيا. ماهرن موجب نوجوان مردن ۾ منشيات جي اثر هيٺ غير محفوظ جنسي رويي، ايچ آءِ وي پکيڙ جو وڏو سبب بڻيل آهن. آئس جي اثر هيٺ غير محفوظ لاڳاپا، ايچ آءِ وي جي پکيڙ جو وڏو سبب بڻجي ويا آهن. پاڪستان ۾ ايچ آءِ وي جي مريضن جو اندازن تعداد ساڍا 3 لک آهي.

بقايا 11

ڊسٽرڪ (FPCCI) جي آفيس ۾ ڪتي جي چڪ کان بچاءُ ۽ ريبيز مئنيجمينٽ بابت هڪ گهڻ_فريقي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ پاليسي سازن، طبي ماهرن، سرڪاري عملدارن، سول سوسائٽي جي نمائندن، ميڊيا پروفيشنلز ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي ۽ ڪتن جي چڪ ۽ ريبيز سبب پيدا ٿيندڙ وڌندڙ عوامي صحت جي چيلينج تي غور ڪيو جڏهن ته بچاءُ، ڪنٽرول ۽ عوامي آگاهي لاءِ گڏيل حڪمت عملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ايف پي سي سي آءِ جي صدر عاطف اڪرام شيخ نائب صدرن سان گڏ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. افتتاحي خطاب سي ايس آر ايڪٽوسٽ محمد صديق شيخ ڪيو جنهن ادارن وچ ۾ مسلسل تعاون جي ضرورت تي زور ڏيندي جديد طريقن ۽ عوامي آگاهي ذريعي فوري قدمن جي اهميت بيان ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي شعبي امراض متعديه جي سربراهه ڊاڪٽر نسيم صلاح الدين پاڪستان ۾ ريبيز جي موجوده صورتحال تي روشني وڌي ۽ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) جي تجويز ڪيل پوسٽ ايڪسپوزر پروفائيليڪسس (PEP) پروٽوڪولز تي عمل جي اهميت تي زور ڏنو هن چيو: "سال 2025 دوران ملڪ ۾ ڪتي جي چڪ جا لڳ ڀڳ 6 لک ڪيس رپورٽ ٿيا، جن مان 3 لک سنڌ، بشمول ڪراچي، مان رپورٽ ٿيا. ريبيز مڪمل طور تي روڪي سگهجندڙ بيماري آهي، پر علاج ۾ دير گهٽ آگاهي ۽ ويڪسين تائين محدود رسائي انساني جانين جي نقصان جو سبب بڻجي رهي آهي. چڪ کان پوءِ فوري ۽ مؤثر علاج ۽ عوامي آگاهي انتهائي ضروري آهي." سابق سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ اڳوڻو ڪمشنر ڪراچي روشن علي شيخ بحران جا بنيادي سبب بيان ڪندي ناقص صفائي نظام، آوارا ڪتن جي بي قابو واڌ ۽ مربوط پاليسي فريم ورڪ جي کوٽ تي روشني وڌي. هن چيو: "ڪتي جي چڪ جي مسئلي کي الڳ الڳ قدمن سان حل نٿو ڪري سگهجي. ان لاءِ گڏيل شهري انتظام، ڪتن جي آبادي تي ڪنٽرول، ويڪسين مهم ۽ ادارتي عزم ضروري آهي." ڊائريڪٽر جنرل پي آر ڊي ڪراچي ارم تنوير ميڊيا ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز جي اهم ڪردار تي زور ڏيندي چيو ته ذميوار صحافت عوامي آگاهي وڌائڻ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي. هن چيو: "ميڊيا عوامي شعور وڌائڻ، غلط معلومات کي روڪڻ ۽ زندگي بچائيندڙ پيغام پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن، ڊجيٽل ميڊيا آگاهي، اسڪولن ۾ سيمينار جمعي جي خطبن ۽ ميڊيا پليٽ فارمز ذريعي ريبيز فري پاڪستان جي هدف کي حاصل ڪري سگهجي ٿو." ريبيز پريوينشن اينڊ ٽريننگ سينٽر جي مئنيجر محمد آفتاب گوهر ٽيڪنيڪل پهلوئن تي تفصيلي بريفنگ ڏني. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي "ون هيلٿ" اپروچ مطابق ماس ڊاگ ويڪسينيشن (MDV) ۽ ڊاگ پاپوليشن مئنيجمينٽ (DPM) تي زور ڏنو. مشاورتي اجلاس ۾ ان مسئلي کي پبلڪ هيلٿ ايمرجنسي قرار ڏيڻ جي تجويز ڏني وئي ۽ اهم خالن جي نشاندهي ڪئي وئي، جن ۾ ريبيز امينوگلوبولن (RIG) تائين محدود رسائي، طبي عملي جي غير مناسب تربيت، ڪمزور ڊيٽا سسٽم ۽ گهٽ عوامي آگاهي شامل آهن. شرڪت ڪندڙن اتفاق ڪيو ته ڪراچي ۾ اهڙي نظام جي گنجائش موجود آهي جنهن ذريعي ردعمل واري قدمن کان اڳتي وڌي هڪ پائيدار ۽ قابل توسيع ريبيز ڪنٽرول ماڊل تيار ڪري سگهجي ٿو تقريب جي آخر ۾ سي ايس آر سينٽرل اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ ڳوٺاڻي ۽ شهري ترقي جي ڪنوينر محمد طاهر انصاري طرفان اظهار تشڪر پيش ڪيو ويو.

بقايا 12

۽ سينيئر نائب صدر خالد فاروق قاضي ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي تازي آمريڪا جي دوري ڪانئون تفصيلي بريفنگ ڏني جنهن ۾ ٻه طرفي واپار ۽ سيڙپڪاري جي مستقبل جي موقعن تي روشني وڌي وئي. وفاقي وزير جام ڪمال خان وفد جي آمريڪي اسٽيڪ هولڊرز سان ويجهي متحرڪ رابطي کي ساراهيندي چيو ته ان طرح جون ڪوششون پاڪستان جي معاشي سفارتڪاري کي مضبوط بڻائڻ لاءِ نهايت اهم آهن. هن چيو ته چيمبرز ڪاروباري موقعن جي نشاندهي، عالمي رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۽ روانگي واپار ۾ اضافي ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومتي قدمن جي حمايت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان آمريڪا سان منظم ۽ ڪاروبار تي ٻڌل سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن پائيدار واپاري ترقي ۽ صنعتي اوسر کي حاصل ڪري سگهجي. اجلاس دوران وفد آمريڪي ڪاٽون سازن، ڪاروباري اڳواڻن، چيمبرز آف ڪامرس ۽ معاشي ترقي جي ادارن سان پنهنجي ملاقاتن جي اهم نتيجن کان آگاهه ڪيو وفد ٻڌايو ته ان دوري جي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري لاڳاپن خاص ڪري اسٽيل، دواسازي، طبي اوزارن، معدنيات، ڪاٽون ڪوٽڻ ۽ ٽيڪنالاجي جهڙن شعبن کي وسعت ڏيڻ ۾ گهري دلچسپي سامهون آئي. پڄاڻي تي وفد واپار واري وزارت سان ويجهو رابطو جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ته جيئن آمريڪا جي دوري سان پيدا ٿيل هاڪاري اڳڀرائي کي پاڪستان لاءِ ٺوس معاشي نتيجن ۾ تبديل ڪري سگهجي.

بقايا 13

ي پيٽ ۾ بهتر بڻايو پيو وڃي. هن حج پاڻڌيئن کي هدايت ڪئي ته پاڪستان مان پهرين حج اڏام جي روانگي سان ئي نظم ۽ ضبط سان هدايتن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. ڇنڇر ڏينهن مقامي ميڊيا چينل سان ڳالهائيندي سردار محمد يوسف حاجين سڳورن لاءِ دعا ڪندي انهن لاءِ محفوظ سفر جي خواهش ۽ ڪنهن به قسم جي پريشاني کان پاڪ سفر لاءِ اميد جو اظهار ڪيو وفاقي وزير حج پاڻڌيئن تي زور ڏيندي چيو ته حج دوران سعودي قانون جي مڪمل پابندي ڪن ڇاڪاڻ ته انهن ضابطن جي پابندي پاڪستان ۽ ميزبان ملڪ جي سٺي ساک کي برقرار رکڻ لاءِ تمام ضروري آهي. هن ان ڳالهه تي روشني وڌي ته مقامي قانون جي احترام سان سمورن حاجين جي حفاظت ۽ وقار کي يقيني بڻايو ويندو. هن وزارت جي حج ڪيمپن ۾ جاري خدمتن تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ جامع تربيت، ويڪسينيشن، تحفن جي تقسيم ۽ ٻين سهولتن کي اجاگر ڪندي چيو ته انهن قدمن جو مقصد ڪنهن ڏکيائي کانسواءِ حج پاڻڌيئن جي سفر کي يقيني بڻائڻ آهي هن چيو ته حڪومتي حج اسڪيم تحت ڪل 468 اڏامون پاڪستان مان حج پاڻڌيئن کي پلي پار ڪثي وينديون. اهي اڏامون ڪراچي، لاهور، سيالڪوٽ ۽ ملتان مان روانو ٿينديون. وفاقي وزير حج پاڻڌيئن لاءِ اپگريڊ ٿيل سهولتن کي اجاگر ڪيو جنهن ۾ بهتر خوراڪ، رهائش ۽ اڄ وڃ جون سهولتون شامل آهن جيڪي مقدس هنڌن تي ويندڙن وڌيڪ آرام واري ۽ منظم سفر کي يقيني بڻائڻ آهي. سردار محمد يوسف چيو ته مان پاڻ سمورين تيارين جي نگراني ڪري رهيو آهيان. هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته مڪي شريف ۽ مديني شريف ۾ اسپتال ۽ ڊسپينسرين حج پاڻڌيئن جي آمد کان اڳ مڪمل طور تيار ۽ فعال هجن.

بقايا 14

ڪ جي نمائندن سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ناڻي واري وزير ٻڌايو ته پاڪستان آءِ ايم ايف سان ايڪسٽينڊڊ فنڊ فيسيليٽي (اي ايف ايف) جي ٽئين جائزي ۽ ريزيلنس اينڊ سسٽين ايبلٽي فيسيليٽي (آر ايس ايف) جي ٻئي جائزي لاءِ اسٽاف ليول معاهدو مڪمل ڪري ورتو آهي ۽ ان جي منظوري جلد متوقع آهي. ناڻي واري وزارت مان جاري بيان مطابق سينيٽر محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان هن مهيني 1.4 ارب ڊالر جو يورو بانڊ ڪاميابي سان ادا ڪيو آهي ۽ سعودي عرب جي مسلسل مالي معاونت کي به ساراهيو. هن ٻڌايو ته پاڪستان 4 سال بعد عالمي مارڪيٽن ۾ واپسي ڪندي يورو بانڊ جاري ڪيو آهي جيڪو سيڙپڪارن جي اعتماد جو مظهر آهي. ناڻي واري وزير پاڪستان جي پهرين پانڊا بانڊ جاري ٿيڻ بابت اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو ۽ چيو ته ان لاءِ درخواست جمع ڪرائي وئي آهي جڏهن ته منظوري جي عمل کي تيز ڪيو پيو وڃي ته جئين مئي ۾ ان جو جاري ٿيڻ ممڪن ٿي سگهي. هن پاڪستان جي وچولي مدي جي مالي حڪمت عملي تي روشني وڌي جنهن ۾ يورو بانڊ، سڪوڪ ۽ روپيئي سان لاڳاپيل ڊالر بانڊ ذريعي فنڊنگ حاصل ڪرڻ جو منصوبو شامل آهي. ناڻي واري وزير سٽي بينڪ طرفان پيش ڪيل مالياتي حڪمت عملي کي ساراهيو ۽ هدايت ڪئي ته هو پاڪستان جي ڊيبٽ مئنيجمينٽ آفيس سان ويجهو رابطو رکي. ملاقات جي پڄاڻي تي وفاقي وزير پاڪستان ۾ سٽي بينڪ جي موجودگي کي ساراهيو ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو.

بقايا 15

سمهڻ کان اڳ اهڙي صدر جا ٽوئيٽ (بيان) ٽڪا ٻڌي سگهون، جيڪو دنيا کي ڌمڪيون ڏيندو هجي ۽ جنگين جو اعلان ڪندو هجي. اسپين ۾ تقريب کي خطاب ڪندي برازيلي صدر چيو ته هڪ ملڪ جو صدر ٻئي ملڪ جي چونڊن ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي، نه ئي ڪنهن ٻئي لاءِ ووٽ گهري سگهي ٿو. گڏيل قومن جي ڪردار تي تنقيد ڪندي هن گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي 5 مستقل ميمبرن کان وچ اوڀر ۾ تڪرار روڪڻ ۾ ناڪامي تي پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 16

وزيرستان ۽ چترال ۾ به زلزلي جا جهٽڪا رڪارڊ ڪيا ويا. ان کان علاوه، اسلام آباد، راولپنڊي ۽ پشاور ۾ به زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي مرڪز وڌيڪ چيو ته زلزلي جي شدت 5.5 رڪارڊ ڪئي وئي ۽ ان جي کوٽائي 199 ڪلوميٽر زمين هيٺ هئي، جڏهن ته زلزلي جو مرڪز هندوڪش علائقي ۾ هو. زلزلي سبب ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جي ڪا به رپورٽ ناهي ملي.

بقايا 17

ڪي نه صرف مفت پنڪ اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون وڃن پر انهن کي ڊرائيونگ لائسنس، هيلمٽ ۽ باقاعده تربيت به ڏني پئي وڃي عورتن کي بااختيار ۽ خوداعتماد بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن وڌيڪ چيو ته سکر ۾ شڪارپور کان پوءِ پيپلز بس سروس جي نيٽ ورڪ کي وڌيڪ وڌايو پيو وڃي، ۽ جلد ئي خيرپور کان روهڙي ۽ خيرپور کان راڻي پور رستن تي به پيپلز بس سروس شروع ڪئي ويندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد ۾ ڪوهسار حيدر چوڪ ۽ حيدرآباد کان ٽنڊو الهيار رستن تي به بس سروس شروع ڪرڻ جون تياريون مڪمل ڪيون پيون وڃن هن چيو ته انهن منصوبن جو مقصد عوام کي سستي، معياري ۽ آرامده سفري سهولت فراهم ڪرڻ آهي، سنڌ حڪومت اهڙا قدم متعارف ڪرائي رهي آهي جيڪي سڌي طرح عام ماڻهو خاص طور عورتن، نوجوانن ۽ محنت ڪش طبقي کي فائدو پهچائين

بقايا 18

نهال هاشمي ڪراچي ايئرپورٽ تي پهرين حج فلائيٽ جي خاص تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته توهان تمام خوش قسمت ماڻهو آهيو جيڪي حج تي وڃي رهيا آهيو توهان سڀني حاجين کي الله تعاليٰ کان دعا ڪرڻ گهرجي ته ملڪ ترقي ڪري، پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ دعا ڪريو حلال روزي ڪمائڻ جي ڪوشش لاءِ دعا ڪريو

بقايا 19

ڪائونسل جيڪا ملڪ جو سڀ کان مٿيون سيڪيورٽي ادارو آهي، سرڪاري ٽي وي تي چيو آهي ته تهران "جنگ جي حتمي پڄاڻي ۽ علائقي ۾ پائيدار امن جي قيام تائين هرمز آبنائي مان گذرندڙ ٽريفڪ جي نگراني ۽ ڪنٽرول لاڳو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي". بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهو ڪم هن طريقي سان ڪيو ويندو: گذرندڙ جهازن کان مڪمل معلومات حاصل ڪئي ويندي، ٽرانزٽ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويندا، ۽ لاڳاپيل سروس فيسون ادا ڪرڻ لازمي هونديون. رائٽرز جي خبر موجب آمريڪي ناڪابندي ختم نه ڪرڻ جي ٽرمپ جي اعلان بعد ايران ٻيهر هرموز لنگهه بند ڪري ڇڏيو آهي آس پاس موجود جهازن کي پاسداران انقلاب ريڊيو ميسيج ۾ سفر نه ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ڀارت تيل کڻي ويندڙ هڪ جهاز تي فائرنگ به ڪئي وئي آهي. الجزيره موجب اناطوليا فورم کي خطاب ڪندي ايران جي نائب پرڏيهي وزير سعيد خطيب زاده چيو ته ايران جي بندرگاهن جي ناڪابندي ختم ٿيڻ بعد ئي هرموز کولڻ تي اتفاق ٿيو هو. ٻئي پاسي ايراني وزارت دفاع جي مطابق، هرموز ۾ ٽريفڪ حملن جي غير موجودگي سان مشروط آهي ۽ هن اهم واپاري رستي تائين رسائي جنگ بندي جي موجوده حالت تي منحصر آهي ايراني نيوز ايجنسي فارس نيوز ايجنسي جي مطابق، وزارت دفاع جي ترجمان برگيڊيئر جنرل رضا طلائي نڪ چيو آهي ته هرموز صرف جنگ بندي جي صورت ۾ کليل رهندو هن وڌيڪ چيو ته فوجي جهازن ۽ دشمن فوجن سان لاڳاپيل جهازن کي هرموز مان گذرڻ جي اجازت نه هوندي. ترجمان چيو ته موجوده صورتحال عارضي آهي ۽ جيڪڏهن زميني حالتون، خاص طور تي لبنان سان لاڳاپيل صورتحال، تبديل ٿي ته هي اهم آبي رستو ٻيهر بند ڪري سگهجي ٿو ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل، جيڪا ملڪ جو سڀ کان مٿيون سيڪيورٽي ادارو آهي، سرڪاري ٽي وي تي چيو آهي ته تهران "جنگ جي حتمي پڄاڻي ۽ علائقي ۾ پائيدار امن جي قيام تائين هرمز آبنائي مان گذرندڙ ٽريفڪ جي نگراني ۽ ڪنٽرول لاڳو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي". بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهو ڪم هن طريقي سان ڪيو ويندو: گذرندڙ جهازن کان مڪمل معلومات حاصل ڪئي ويندي، ٽرانزٽ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويندا، ۽ لاڳاپيل سروس فيسون ادا ڪرڻ لازمي هونديون. اسان وٽ ايران بابت سٺي خبر آهي، سڀاڻي ڪو سرپرائز ٿي سگهي ٿو، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چوي ٿو ته اسان وٽ ايران بابت سٺي خبر آهي، سڀاڻي ڪو سرپرائز ٿي سگهي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن ڪو معاهدو نه ٿيو ته آمريڪي ايراني بندرگاهن تي پابندي برقرار رهندي، سڀاڻي ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، مون کي لڳي ٿو ته اهو هڪ تمام مثبت ڳالهه هوندي. آمريڪي صدر چوي ٿو ته هڪ تمام سٺو ۽ سڀاڻي وائيٽ هائوس اچي رهيو آهي، هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر تمام گهڻو پريشان آهي، اسان سڀاڻي صبح جو هڪ غير معمولي نيوز ڪانفرنس ڪرڻ وارا آهيون. اسرائيلي فوج پاران جنگ بندي جي ڀڃڪڙي، لبنان تي حملا جاري لبناني ميڊيا موجب، اسرائيلي فوج لبنان جي ڪيترن ئي شهرن تي سخت بمباري ڪئي، جن ۾ لبنان ۾ خيام، بنت جبيل ۽ البيضا شامل آهن. آمريڪي صدر هڪ ڪلاڪ ۾ 7 ڪوڙيون دعوائون ڪيون: ايراني پارليامينٽ جو اسپيڪر ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف چيو ته ٽرمپ جي دعوائن کي فاتح نه ٿو سمجهي سگهجي، ۽ نه ئي ان سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ممڪن آهي هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن آمريڪا گذرڻ ۾ رڪاوٽون وجهندو رهيو ته آبنائي هرمز کليل نه رهندي، هرمز مان جهازن جي گذرڻ جو عمل مخصوص رستن ذريعي ٿيندو. ايران جي اجازت گهربل هوندي، هرمز کليل آهي يا بند، ضابطا ميدان جي صورتحال سان طئي ڪيا ويندا، سوشل ميڊيا سان نه، عوامي راءِ جي انجنيئرنگ جنگ جو هڪ اهم حصو آهي، پر ايراني انهن حڪمت عملين کان متاثر نه ٿيندا آهن.

بقايا 20

ڪميٽي جي چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد چيو ته پاڪستان ۾ ذوالقعد جو چنڊ نظر اچي ويو آهي، جنهن کانپوءِ آچر 19 اپريل تي پهرين ذوالقعد هوندي.

بقايا 21

آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 4500 رپيا واڌ کانپوءِ في تولي سون جي قيمت 5 لک 6 هزار 62 رپيا ٿي وئي. اهڙي ريت 10 گرام سون 3858 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 4 لک 33 هزار 866 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 22

ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ايران جي بحريا دشمنن کي نوان نقصان پهچائڻ لاءِ تيار آهي. مجتبيٰ خامنه اي چيو ته ايران جي بحريا دشمنن کي نئين ۽ سخت شڪست ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي، ايراني فوج ٻن وڏين فوجن سان وڙهي رهي آهي، ايراني فوج انهن جي ڪمزوري ۽ ذلت کي دنيا جي سامهون اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي، اسلامي جمهوريه ايران جي فوج بهادري سان پنهنجي زمين، سمنڊ ۽ پرچم جو دفاع ڪري رهي آهي. هن چيو ته جيئن ايراني فوج جا ڊرون بجلي جيان آمريڪي ۽ صيهوني حملي آورن کي نشانو بڻائيندا آهن، ائين بهادر بحريا به دشمن کي نئين ۽ سخت شڪست ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

بقايا 23

جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، جڏهن ته جابلو علائقن ۾ برفباري جو به امڪان آهي. اين ڊي ايم اي طرفان جاري ڪيل الرٽ موجب اسلام آباد، پنجاب جي مختلف شهرن ۽ بلوچستان ۾ ڪنهن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي، جڏهن ته خيبر پختونخواهه جي ميدانن ۽ جابلو علائقن ۾ برسات سان گڏ ڳڙو پوڻ جو به امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. الرٽ ۾ چيو ويو آهي ته گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي ميدانن جابلو علائقن ۾ برفباري جو امڪان آهي، برسات سبب روڊن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي، خاص طور جابلو رستن تي سفر ڪندڙن کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 24

طرف روانو ٿي ويو آهي. وزيراعظم هائوس طرفان جاري ڪيل بيان موجب انطاليه ايئرپورٽ تي ترڪيه جي پرڏيهي وزارت جي ڊائريڪٽر جنرل سفير تولگا برميڪ، سفير ٽيولوڪيڪسين ميمبر ترڪيه پارليامينٽ برهان ڪايا ترڪ ۽ پاڪستان جو ترڪيه ۾ سفير ڊاڪٽر يوسف جنيد وزيراعظم ۽ پاڪستاني وفد کي الوداع ڪيو. وزيراعظم جون ٽن ڏينهن جو دورو سعودي عرب، قطر ۽ ترڪيه جي دورن تي ٻڌل هو جتي وزيراعظم ٽنهي پاڙيسري ملڪن جي قيادت سان ملاقاتن سان گڏوگڏ انطاليه ڊپلوميسي فورم ۾ شريڪ ٻين عالمي اڳواڻن سان به ملاقاتون ڪيون. پنهنجي دورن جي دوران وزيراعظم پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن جي وڌيڪ مضبوطي، خطي ۾ امن جي قيام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن ۽ خطي، عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پاڪستاني وفد ۾ نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اطلاعات وارو وزير عطاءالله تارڙ خاص معاون سيد طارق فاطمي ۽ وزيراعظم جو پرڏيهي ميڊيا بابت ترجمان مشرف زيدي وزيراعظم سان گڏ هو.

بقايا 25

زير محسن نقوي جو وفد سان گڏ ايران جو 3 ڏينهن جو سرڪاري دورو مڪمل ٿي ويو آهي آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ گهرو وزير محسن نقوي وفد سان گڏ ايران جو دورو مڪمل ڪيو جنهن جي دوران فيلڊ مارشل ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ملاقات ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل نيشنل اسيمبلي جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف، پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ خاتم الانبياءِ هيڊ ڪوارٽر جي ڪمانڊر ميجر جنرل علي عبدالله سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون. بيان ۾ چيو ويو آهي ته فيلڊ مارشل عاصم منير مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ مسلسل سفارتي رابطن جي اهميت تي زور ڏنو فيلڊ مارشل ايراني قيادت ۽ عوام طرفان پرجوش مهمان نوازي تي ٿورو ادا ڪيو. پاڪ فوج جي ترجمان موجب فيلڊ مارشل پاڪستان جي صدر، وزيراعظم ۽ عوام طرفان نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو فيلڊ مارشل پنهي ملڪن جي تاريخي ۽ پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو.

بقايا 26

پريڊ کي خطاب ڪندي پاڪ فضائيه جي سربراهه ظهير احمد بابر سڌو چيو ته عالمي سطح تي امن جي لاءِ سياسي، عسڪري قيادت جون ڪوششون تعريف جوڳيون آهن. عالمي امن جي لاءِ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوششن کي خصوصي طور تي تعريف ڪريان ٿو. هن چيو ته پاڪستان پرامن ملڪ آهي، تڪرارن جو حل ڳالهين سان ڪرڻ تي يقين رکي ٿو. معرڪ حق ۽ بنيان المرصوص ۾ پاڪ فوج جي حڪمت عملي سڀني ڏٺي، پاڪ فضائيه نه صرف دشمن جا جهاز ڪيرايا پر نئين تاريخ به رقم ڪئي. ايئرچيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو چيو ته مئي ۾ دشمن پاڪستان جي طاقت ۽ هنرمندي ڏسي دنگ رهجي ويو پاڪستان تي ڪنهن به قسم جي ڪيل جارحيت جو سختي سان جواب ڏنو ويندو. هوڏانهن ايئرچيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو پريڊ جو معائنو ڪيو ۽ ٽريننگ جي دوران شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام ۽ شيلڊون ورهايون ويون.

بقايا 27

اچين کي رخصت ڪيو ۽ مبارڪباد ڏني. هن سال ڪراچي ايئرپورٽ تان 31 هزار کان وڌيڪ حاجي سڳورا مقدس جڳهين جي لاءِ روانو ٿيندا. روڊ ٽو مڪه پراجيڪٽ جي تحت سعودي اختيارين حاجين جي ون ٽائيم اميگريشن ڪراچي ايئرپورٽ تي ئي ڪئي ويندي. هوڏانهن سعودي ميڊيا ٻڌايو آهي ته مڪه روٽ انيشيٽو ۾ شامل پاڪستان سميت ٻين ملڪن جو تعداد 10 ٿي ويو آهي. هلندڙ سال 10 ملڪن جي 17 اسٽيشنن تان مڪه روٽ انيشيٽو تي عمل ڪيو ويندو مراڪش، انڊونيشيا، ملائيشيا، پاڪستان، بنگلاديش، ترڪيه، جمهوريه آئيوري ڪوسٽ ۽ مالديپ مڪه روٽ انيشيٽو ۾ شامل آهن.

بقايا 28

انگ ڪورس، 38 هين ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس، 72 هين انٽيگريٽڊ ڪورس، 15 هين مجاهد ڪورس ۽ 27 هين ليڊي ڪيڊٽ ڪورس جي ڪيڊٽس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ منعقد ڪئي وئي. ڇنڇر ڏينهن آءِ ايس پي آر طرفان جاري پريس رليز مطابق پاڪستان ملٽري اڪيڊمي مان عراق، مالديپ، نيپال، فلسطين، قطر ۽ سريلنڪا سميت ڪيترن ئي دوست ملڪن جي ڪيڊٽس پڻ گريجوئيشن ڪئي آهي. پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئرچيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو نشان امتياز (ملٽري) هلال جرئت خاص مهمان طور تقريب ۾ شرڪت ڪئي. پاڪ فضائيه جي سن پي ايم اي لانگ ڪورس جي بٽالين جي سينئر انڊر آفيسر محمد سعد موسيٰ کي پريزيڊنٽ گولڊ ميڊل ۽ 153 هين پي ايم اي لانگ ڪورس جي دوست ملڪ نيپال سان تعلق رکندڙ سينئر انڊر آفيسر پويز ڪنور کي چيف آف ڊفينس فورسز اوورسيز گولڊ ميڊل جڏهن ته 153 هين پي ايم اي لانگ ڪورس جي جنٽلين ڪيڊٽ مسعود الرحمان کي مارڪس مين ميڊل سان نوازيو ويو. آءِ ايس پي آر مطابق 38 هين ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس جي انڊر آفيسر حيدر بن عابد کي چيف آف آرمي اسٽاف ڪين ڏنو ويو 15 هين مجاهد ڪورس ۾ سارجنٽ پير محمد عبدالله شاهه کي چيف آف آرمي اسٽاف ڪين ڏني وئي 72 هين انٽيگريٽڊ ڪورس جي ڪورس انڊر آفيسر علي بن وقار ۽ 72 هين ليڊي ڪورس جي انڊر آفيسر وليه زيب کي ڪمانڊنٽ ڪينز سان نوازيو ويو.

بقايا 29

منتقل ڪيو ويو. دادو جي پي سيڪشن ٿاڻي جي حد ايڪسائيز آفيس ڀرسان ڪجهه نامعلوم مبينا هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل ٿي ويو ڪوٽڙي واسي نوجوان سجاد ولد لطيف ڪوسو گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو گوليون لڳل زخمي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو مقتول سجاد ڪوسو دادو ۾ پنهنجي ڦپي وٽ مهمان طور آيل هو جتي نامعلوم مبينا هٿيارٻندن هٿان قتل ٿي ويو قتل ٿي ويل نوجوان جي لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو نوجوان جي قتل ڪندڙ جوابدارن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 01

۾ مستحق شاگردن ۾ اسڪول جون ڊريسون تقسيم ڪيون ويون ' تنظيم طرفان مليل ڊريسون اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين عبد الحنان پنهور ۽ هيڊ ماستر حبيب الرحمان جاگيراڻي تقسيم ڪيون. جڏهن تہ سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور جي چيئرمين ظهير لاڙڪ ۽ ميبن اڄڻ چيو تہ شاگردن ۾ تعليمي مدد طور ڪيترن ئي اسڪولن ۾ اسڪول ڪاپيون ڊريسون ' ٿيلها تقسيم ڪرڻ جو پروگرام جاري آهي ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيترن اسڪولن ۾ تعليمي مدد طور مستحق شاگردن ۾ اسڪول اسٽيشنري پهچائي دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون

بقايا عوامي سوچ 02

رهواسڻ. ٻن ٻارن جي ماءُ ماروي شيخ مبينہ طور گهرو پريشانين سبب گهر اندر ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 03

ٽرانسپورٽ جي سخت مسئلن سبب پريشان بڻيل آهن. جڏهن تہ خانگي بس سروس هلائيندڙن طرفان ڀاڙن ۾ تيزي سان واڌ شاگردن لاءِ وڌيڪ تڪليف جو سبب بڻجي وئي آهي. شاگردن جو چوڻ آهي تہ يونيورسٽي پاران مقرر ڪيل ٽن خانگي بسن کي روزانو ڊيزل جي فراهمي باوجود هر شاگرد کان 700 کان 800 رپيا ڀاڙو ورتو پيو وڃي. جيڪو سراسر زيادتي ۽ استحصال آهي. شاگرد اڳواڻ اويس رند ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ شاگرد اڳ ئي مهانگائي جي سخت دٻاءَ هيٺ آهن ۽ اهڙي صورتحال ۾ ٽرانسپورٽ مافيا طرفان ڳرا ڀاڙا وصول ڪرڻ ناقابل برداشت بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا فوري نوٽيس نہ ورتو تہ شاگرد احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. هن وڌيڪ چيو تہ يونيورسٽي انتظاميا طرفان ڊيزل جي فراهمي باوجود ڀاڙن ۾ گهٽتائي نہ ٿيڻ ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي ٿو. جن جي شفاف جاچ ضروري آهي. شاگردن جو چوڻ آهي تہ روزاني ڪرائين ۾ واڌ سندن وس کان ٻاهر آهي، جنهن سبب ڪيترائي شاگرد مالي مشڪلاتن ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال برقرار رهي تہ اعليٰ تعليم غريب شاگردن لاءِ رڳو خواب بڻجي ويندي. شاگردن سنڌ جي وڏي وزير، ڪمشنر ميرپورخاص ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري نوٽيس وٺي ڀاڙن ۾ گهٽتائي ڪرائي وڃي ۽ شاگردن لاءِ معياري ۽ سستي ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪيو وڃي. جڏهن تہ اويس رند سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، قانوني برادري ۽ صحافين کي بہ اپيل ڪئي آهي تہ هو هن مبينا ڦرلٽ خلاف آواز اٿارين تہ جيئن شاگردن کي رليف ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 04

ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي فريادي آيف آئي آر ۾ موقف ڄاڻايو آهي تہ ميلي جي سيڪورٽي دوران مون سان گڏ . اي ايس آءِ محمد محرم ڪلهوڙو، سپاهي حيدر علي خاصخيلي، پوليس اهلڪار ماجد عمران. ڊرائيور حيات ڳاهو ڊيوٽي ڪري رهيا هئا تہ جوابدار محمد امين سنجراڻي ڪوسو، غلام حيدر، ڪوسو بلاول ڪوسو نظام الدين سنجراڻي ڪوسو سميت چار نامعلوم جوابدارن اسان پوليس اهلڪارن تي حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ۽ وردي ڦاڙي ڇڏيا ٻئي طرف ايس ايچ او اوڏيرو لال اسٽيشن جو چوڻ آهي تہ پوليس جي جوانن تي حملو ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪين 2 جوابدار گرفتار ڪيا آهن ٻين کي بہ جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 05

رڪشائن ۾ سوار حنيف خاصخيلي سڪندرچانڊيو عرفان. سلطان. نور حسن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا سمورن زخمين کي تعلقہ اسپتال ٽنڊوغلام حيدر آندو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد 5 زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 06

سجاول ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حسن چنگيزي جي مبينہ ڪرپشن هٽ ڌرمي ۽ ملازمن سان ڪيل بدسلوڪي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ خلاف آل ايپلائيز ايسوسيئيشن پاران ضلعي سجاول ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن مطابق 20 اپريل 2026 سومر ڏينهن آفيسن کي تالا هڻي ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي ۽ 21 اپريل تي قاسمي پمپ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پبلڪ پارڪ وٽ ڌرڻو لڳايو ويندو هن سلسلي ۾ آپڪا ضلعي سجاول جي صدر محمد بچل لغاري ۽ ٻين ٻڌايو تہ سجاول ٽريزري آفيس ۾ اي ڊي اي او حسن چنگريزي جي مبينہ ڪرپشن بدسلوڪي ۽ ملازمن کي ڌمڪيون ڏيڻ خلاف سجاول ضلعي جا ملازم سراپہ احتجاج بڻيل آهن تنظيم پاران پريس رليز جاري ڪندي ڄاڻايو ويو آهي تہ جيستائين مذڪوره آفيسر کي هٽائي انصاف فراهم نہ ٿيندو تيستائين احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانہ علي حسن زرداري چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور عوام جي خدمت آهي، اسان بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ تڪ جي ترقي ۽ عوامي سهولتن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن تعلقي ڪيٽي بندر جي مختلف ڳوٺن جي دوري ۽ ترقياتي ڪمن جي افتتاح واري موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ساڻس گڏ چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور، پيپلز پارٽي جو نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري، پ پ تعلقي گهوڙاٻاري جو صدر محمد رمضان پهنور، ترجمان محسن هائوس ٺٽو شاهنواز لوهار ساڻس گڏ هئا. صوبائي وزير علي حسن زرداري پنهنجي دوري دوران ڳوٺ ڪرمي سمون ۽ احمد سمون پهتو، جتي مقامي ڳوٺاڻن صديق سمون ۽ الياس سمون جي اڳواڻيءَ ۾ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ ڪيس اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي صوبائي وزير باضابطہ طور تي ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي علي حسن زرداري وڌيڪ چيو تہ مان توهان جو خادم آهيان ۽ منهنجي هٿ ۾ جيڪي بہ اختيار يا شيءِ آهي، اها عوام جي امانت آهي. اهي ترقياتي منصوبا عوام جي سهولت لاءِ آهن. انهن کي ڪنهن بہ قسم جو احسان نہ سمجهيو وڃي. مان عوام جي محبتن ۽ عزت جو مقروض آهيان. هن وڌيڪ چيو تہ الله پاڪ جو شڪر گذار آهيان جو عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ جي توفيق ملي رهي آهي. منهنجي دلي خواهش آهي تہ علائقي جي ماڻهن کي سفري سهولتن سان گڏوگڏ تمام بنيادي سهولتون ميسر ڪريان تہ جيئن سندن زندگيءَ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي. هڪ سوال جي جواب ۾ صوبائي وزيرچيو تہ ڊگري ڪاليج ڳاڙهو جو اڌورو پيل ڪم هڪ سال جي اندر مڪمل ڪيو ويندو. جنهن سان علائقي جي شاگردن کي اعليٰ تعليم پرائڻ ۾ وڏي مدد ملندي ۽ ڪين پري وارن شهرن ڏانهن وڃڻو نہ پوندو. دوري دوران چيئرمين يونين ڪائونسل ٻگهاڻ ذاڪر حسين ڪڙمون، چيئرمين يونين ڪائونسل ڪيٽي بندر عبدالواحد ميمڻ، رئيس خدابخش صوباڻي، پير سڪندر شاهہ، خليفو نور محمد، محمد اسماعيل گلزي، اڳوڻو چيئرمين يوسي ڪيٽي بندر عبدالعزيز پٽي، علي حسن پڙچ، قادر لاڪو، سماجي اڳواڻ شهزادو يعقوب اوٺو، علائقي جي معزز شخصيتن، سياسي ڪارڪنن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ترقياتي ڪم شروع ڪرائڻ تي صوبائي وزير جا ٿورا مڃيا

بقايا عوامي سوچ 07

کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن تعلقي ڪيٽي بندر جي مختلف ڳوٺن جي دوري ۽ ترقياتي ڪمن جي افتتاح واري موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ساڻس گڏ چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور، پيپلز پارٽي جو نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري، پ پ تعلقي گهوڙاٻاري جو صدر محمد رمضان پهنور، ترجمان محسن هائوس ٺٽو شاهنواز لوهار ساڻس گڏ هئا. صوبائي وزير علي حسن زرداري پنهنجي دوري دوران ڳوٺ ڪرمي سمون ۽ احمد سمون پهتو، جتي مقامي ڳوٺاڻن صديق سمون ۽ الياس سمون جي اڳواڻيءَ ۾ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ ڪيس اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي صوبائي وزير باضابطہ طور تي ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي علي حسن زرداري وڌيڪ چيو تہ مان توهان جو خادم آهيان ۽ منهنجي هٿ ۾ جيڪي بہ اختيار يا شيءِ آهي، اها عوام جي امانت آهي. اهي ترقياتي منصوبا عوام جي سهولت لاءِ آهن. انهن کي ڪنهن بہ قسم جو احسان نہ سمجهيو وڃي. مان عوام جي محبتن ۽ عزت جو مقروض آهيان. هن وڌيڪ چيو تہ الله پاڪ جو شڪر گذار آهيان جو عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ جي توفيق ملي رهي

بقايا عوامي سوچ 08

مطابق محرابپور شهر جي ڪمبوهہ محلي ۾ مرحوم عبدالخالق ڪمبوهہ جو پٽ لالا عثمان ڪمبوهہ ميندي جي رات اچانڪ حرڪت قلب بند هئڻ سبب زندگي جي بازي هارائي ويو نوجوان جي اچانڪ موت سان شادي واري گهر ۾ ڪهرام مچي ويو شادي جي شرڪت لاءِ آيل مهمان ان جي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا مرحوم جي اڄ شادي ۽ سپاٽي المهراڻ شادي حال ۾ وليموهيو.

بقايا عوامي سوچ 09

تفصيلات جي مطابق، محرابپور ريلوي اسٽيشن تي ڪراچي کان جيڪب آباد ويندڙ 145 اپ سکر ايڪسپريس ٽرين ۾ چڙهندي وقار عباسي نالي نوجوان پير سلپ ٿيڻ سبب ڪري پيو ۽ ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو ، مرحوم ڳوٺ ملان بهارو هن وقت وارڊ نمبر 1 محرابپور جي رهائشي رٽائرڊ معلم عبدالخالق عباسي جو پٽ ۽ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۾ 17 گريڊ جو آفيسر هيو. ريلوي ذريعن موجب لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 10

عوام ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ تي سفر ڪرڻ جي سگهہ ختم ٿيندي پئي وڃي. فوري طور تي پيپلز بس سروس جڪب آباد کان لاڙڪاڻي، جيڪب آباد کان سکر ۽ جيڪب آباد کان ٺل جي روٽ تي شروع ڪئي وڃي عوامي مطالبو. خبر موجب جيڪب آباد جيڪو هڪ قديمي شهرطور سڃاتو وڃي ٿو پر حڪومتي بي ڌياني سبب عوامي حلقن ۾ بيچيني پيدا ٿي وئي آهي جڪب آباد کي جامع منصوبا بندي جي بنيادن تي پڻ نظرانداز ڪيو ويو آهي. وڌندڙ تيل جي اگهن سبب مهانگن ڀاڙن ڪري شهرين ۾ سفر ڪرڻ جي سگهہ ختم ٿيندي پئي وڃي. شهرين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو آهي تہ ٻين شهرن جيان جڪب آباد ۾ فوري طور پيپلز بس سروس شروع ڪئي وڃي. پيپلز بس سروس کي جڪب آباد کان سکر، جڪب آباد کان لاڙڪاڻو ۽ جڪب آباد کان ٺل جي روٽن تي هلايو وڃي، جيئن جڪب آباد جي شهرين کي مهانگن ڀاڙن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 11

محمد ناريجو ، رضا ڪليري ، شير محمد ڪليري ، فضل احمد ناريجو ، واحد بخش ناريجو ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين اڳيان داهيندي ٻڌايو تہ اسان جي اجرت مزدوري ۾ برساتي ٻوڏ بعد نہ ڪئي وئي آهي اسان کي هن مهنگائي دؤر ۾ بہ کهڙا جا جنس واپاري 2022 واري مزدوري ڏين ٿا ان سان اسان جي گهر جو گذر سفر نہ ٿو ٿئي اسان جا ٻچا فاقا ڪشيءَ واري زندگي گزاري رهيا آهن اسين پهجن ٻچڙن کي اسڪولن ۾ بہ نہ ٿا پڙهائي سگهون اسان کهڙا جي اناج ۽ جنس واپارين کان هن احتجاج ذريعي مطالبو ٿا ڪريون تہ اسان جي اجرت ۽ مزدوري ۾ اضافو ڪيو وڃي نہ تہ اسين مجبورن ڪم ڇڏي هڙتال ڪنداسين هنن آخر ۾ ڊي سي خيرپور،ايس ڊي ايم گمبٽ کي اپيل ڪئي تا اسان جي قانوني مدد ڪئي وڃين

بقايا عوامي سوچ 12

مين اسسٽنٽ ڪمشنر جوهي منهنجي نالي تي ڪري ڏني آهي، هاڻي منهنجي زمين تي قبضا گروپ منل لغاري، يعقوب لغاري، محرم لغاري، جمعدار سڪندر لغاري، شاهن لغاري، غلام نبي لغاري ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي زمين تي 2 سالن کان قبضو ڪيو ويٺا آهن. فصل بہ ڪٽي رهيا آهن. زمين تي وڃان ٿو تہ هٿيار تاڻيا وڃن ٿا، زمين تان هٽ ڪٽڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن، چون ٿا اگر زمين تي ڪوبہ ايندو تہ ان کي قتل ڪيو ويندو. هن چيو تہ اهڙو ڪيس جوهي جي عدالت اسٽي آرڊر بہ ڪڍيو آهي تہ زمين ڪير بہ نہ ڪاهيندو. اهڙا ڪاغذ پڻ موجود آهن. قبضو ڪندڙ بااثر هجڻ ڪري ڪورٽ جي آرڊر کي بہ ٽڏي ڪيترائي پيرا فصل ڪٽي ويا آهن. عدالتي آرڊر پٽ گل محمد ٽاٽي تي ڪٽي وڃي دانهيو تہ زمين تي قبضو ڪري زبردستي فصل ڪٽي ويا آهن جنهن تي پٽ گل محمد ٽاٽي جي پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي، هن مطالبو ڪيو تہ منهنجي زمين تان قبضو ختم ڪرائي موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 13

و نائب صدر راجا تنوير خاصخيلي، صحافين جي نمائنده تنظيم ايچ يو جي صدر شبير پٽي ۽ يوسف ميراڻي پڻ موجود هئا. ملاقات دوران مهمانن مڪلي پريس ڪلب جي صحافين جي خدمتن کي ساراهيندي چيو تہ صحافي برادري هميشہ علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ عوام جي آواز بڻجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. هن چيو تہ مڪلي پريس ڪلب جي نئين نوجوان قيادت جس لهي هنن مڪلي پريس ڪلب جي ترقياتي ڪم جي پڻ ساراهہ ڪئي. هنن چيو تہ سچائي تي ٻڌل صحافت معاشري جي سڌاري ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. مهمانن صحافين جي بيباڪ رپورٽنگ کي خراج تحسين پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي تہ صحافي مستقبل ۾ بہ پنهنجون ذميوارين ايمانداري ۽ لگن سان نڀائيندا رهندا. ان موقعي تي صحافين ۽ مهمانن وچ ۾ علائقي جي مسئلن ۽ ميڊيا جي ڪردار بابت خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي، جڏهن تہ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي سهڪار وڌائڻ تي زور ڏنو ويو. آخر ۾ مهمانن طرفان صحافين کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 14

تان ڪار ڊرائيور ڳاڏي پوليس اهلڪار مٿان چاڙهي چڙي پوليس اهلڪار عبدالمنان ڏيپر فوت پوليس ڪار ۾ سوار ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڳاڏي مان نشي وارين سوپارين هٿ ڪري ورتيون فوت ٿيل پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي پوليس آفيسرن جي شرڪت فوتي پوليس اهلڪار اصل ڪنڌيارو جو رهواسي هو تفصيل ڪراچي سائيٽ سپر هاءِ وي ٽاٽي جي حد گلشن معمار موڙ وٽ بيٺل پوليس اهلڪارن طرفان هڪ شڪي ڪار کي بيهڻ جو اشارو ڪيو تہ ڪار ۾ سوار ڪار ڊرائيور طرفان ڳاڏي بيهارڻ بجاءِ ڳاڏي پوليس اهلڪار جي مٿان چاڙهي چڙي جنهن سبب ڪار بہ ڪلٽي ٿي پئي ڪار جي ٽڪر لڳڻ سبب سڪرنڊ جو رهواسي 36 ورهين جو پوليس اهلڪار عبدالمنان ڏيپر فوت ٿي ويو جڏهن تہ پوليس موقعي تان ڪار ۾ سوار ٻن جوابدارن آغا جان ۽ نسيم کي گرفتار ڪري ڪار ۾ نشي وارين سوپارين جا پاڪيٽ نڪتا هٿ آيا هوڏانهن جوابدارن جي ٽڪر لڳڻ سبب فوتي پوليس اهلڪار جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد فوتي اهلڪار جي نماز جنازا پوليس ايسٽ زون هيڊڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي نماز جنازي ۾ آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڊو، ايڊيشنل آئي جي آزاد خان، ڊي آئي جي ايسٽ زون فرخ لنجار سميت ٻين پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ شهيد اهلڪار جا وارث بہ موجود هئا پوليس اهلڪار کي سرڪاري اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو جنازي ۾ شرڪت ڪندي شهيد اهلڪار جي وارثن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ سنڌ پوليس طرفان هر ممڪن سهڪار ۽ مدد جي خاطري ڪرائي ٻئي پاسي ذريعن موجب هن واقعي کان پوءِ شهر ۾ منشيات جي خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون جي تياري ڪئي پئي وڃي ۽ هن منشيات جي ناسور کي ختم ڪرڻ لاءِ ان ڌنڌي ۾ ملوث جوابدارن عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 15

ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو. تفصيل موجب محموداباد ٿاڻي جي حد علي ٽالپور ٽاؤن ۾ ماڇي برادري سان تعلق رکندڙ نوجوان ڪرڙ ماڇي ولد جمعو پاڻ کي ڦاهو ڏئي ڇڏيو. جڏهن تہ سندس گهر وارا ننڍي ڀاءِ جي منگڻي جي سلسلي ۾ عمرڪوٽ ويل هئا. ذريعن موجب مرحوم گهرجو وڏو ڀاءِ هو، جڏهن تہ سندس شادي ٿيڻ کان اڳ ئي ننڍي ڀاءِ جي شادي جون رسمون شروع ڪيون ويون، جنهن ڳالهہ کي هو برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ دل برداشتہ ٿي اهو انتهائي قدم کنيو. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو. پوليس موجب ابتدائي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي تہ نوجوان ننڍي ڀاءِ جي منگڻي واري معاملي سبب ذهني دٻاءَ جو شڪار هو هو غير شادي شده هو. هن دردناڪ واقعي ڪانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي ۽ علائقي ۾ سوگ جي فضا ڇانيل آهي

بقايا عوامي سوچ 16

ڪيل سهولتن، سيڪيورٽي انتظامن ۽ اتي جاري سڌارن جي پروگرامن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي سپرنٽينڊنٽ سينٽرل جيل اشفاق ڪلوڙ جيل جي انتظامي معاملن تي جامع بريفنگ ڏني. هن چيو تہ جيل جي سيڪيورٽي کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪيو ويو آهي. جيل جي اندروني ۽ ٻاهرين حصن جي ويجهي نگراني لاءِ سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي 24 ڪلاڪ ڊجيٽل مانيٽرنگ ڪئي پئي وڃي، جنهن جو ڪنٽرول روم سڌو سنئون سيڪيورٽي اهلڪارن جي نگراني ۾ آهي. ڪمشنرجيل ۾ قائم مدرسي، ڪمپيوٽر ڪلاس، تعليمي مرڪز ۽ بيرڪن جو بہ معائنو ڪيو. قيدين کي هنر مندبڻائڻ لاءِ STEVTA جي تعاون سان هلندڙ ٽيڪنيڪل ڪورسز ۽ سلائي جي ڪم جو مشاهدو ڪيو. ڪمشنر انهن ٽيڪنيڪل صلاحيتن کي قيدين جي معاشي بحالي لاءِ اهم قرار ڏنو. ڪمشنر جيل اسپتال جي دوري دوران قيدين کي فراهم ڪيل دوائن ۽ طبي سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن جيل جي باورچ خانہ ۾ تيار ڪيل کاڌي جي معيار ۽ صفائي جي بهترين انتظامن جي تعريف ڪئي. هن زور ڏنو تہ قيدين کي انساني رحم جي بنياد تي ۽ الله جي ڏنل نعمتن مطابق سٺي خوراڪ جي بنياد تي سٺي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڪمشنر هن موقعي تي چيو تہ جيل صرف جيل نہ هجڻ گهرجن پر صحيح معنيٰ ۾ "اصلاح" هجڻ گهرجن. هن جيل سپرنٽنڊنٽ اشفاق ڪلوڙ ۽ سندس ٽيم جي پيشہ ورانہ ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ هدايت ڪئي تہ قيدين جي ٽيڪنيڪل تربيت تي خاص ڌيان ڏنو وڃي تہ جيئن اهي پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ سماج جو هڪ معزز حصو بڻجي سگهن. هن قيدين کي راندين جي سرگرمين جا موقعا فراهم ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو. سپرنٽنڊنٽ سينٽرل جيل اشفاق ڪلوڙ ۽ اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ پاواني شنڪر پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 17

ڏوڪري تعلقي جي يونين ڪائونسل ڳجهڙ جي ڳوٺ نور آباد کي جديد دور ۾ بہ بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي ڳوٺ جا رهواسي جديد دور ۾ بہ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. باڍهہ ڳجهڙ روڊ کان محمد چٽل ابڙو وايا نور آباد تائين ڪچي سڙڪ هجڻ سبب علائقي واسين جي روزمره زندگي انتهائي ڏکي بڻيل آهي. ڳوٺاڻن پيرل ڪلهوڙو، محمد اعظم ڪلهوڙو، غلام حسين ابڙو، علي گل ڪلهوڙو، ۽ ٻين ٻڌايو تہ معمولي برسات بہ علائقي لاءِ وڏو مسئلو بڻجي وڃي ٿي جتي ڪچا رستا دلدل ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ ماڻهن کي هڪ کان ٻن هفتن تائين گهرن تائين محدود رهڻو پوي ٿو. هنن وڌيڪ چيو تہ مريضن کي اسپتال پهچائڻ، شاگردن جو تعليم لاءِ سفر ۽ مزدورن جو روزگار لاءِ وڃڻ وڏي تڪليف جو سبب بڻيل آهي، جڏهن تہ عورتون ۽ ٻار بہ هن صورتحال مان سخت متاثر آهن. رهواسين جو چوڻ آهي تہ ڪيترائي پيرا لاڳاپيل اختيارين کي آگاهي ڏيڻ باوجود ڪو بہ عملي قدم نہ کنيو ويو آهي، جنهن سبب علائقو مسلسل نظرانداز ٿيندو رهيو آهي ڳوٺاڻن چونڊيل نمائندن، ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ باڍهہ ڳجهڙ روڊ کان محمد چٽل ابڙو ،وايا نور آباد تائين پڪو روڊ تعمير ڪري علائقي واسين کي آمد و رفت جي بنيادي سهولت فوري طور فراهم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 18

حادثو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار عنلت سومرو، ممتاز سومرو ۽ فيضان سومرو موقع تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن تہ زخمين ۾ سهيل ولد طفيل ميمڻ ۽ نياز ولد ميرمحمد سومرو شامل آهن، جن جو تعلق ضلعي سجاول جي شهر دڙو سان ٻڌايو پيووڃي واقعي کان پوءِ ايڌي ايمبولينس ۽ 1122 ايمبولينس فوري طور تي موقع تي پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ۽ زخمين توڙي فوتين کي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو. جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي ان موقعي تي سجاول جو ايم اين اي سيد اياز شاهہ شيرازي پڻ اسپتال پهتو ۽ زخمين جي عيادت ڪندي علاج جي نگراني ڪئي حادثي کان پوءِ علائقي ۾ سوگ واري فضا ڇانيل رهي، جڏهن تہ فوتين جي جنازي نماز اڄ دڙو شهر جي علائقي رتنا ۾ ادا ڪئي وئي، جتي هزارين آلين اکين سان ننهي نوجوانن کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 19

ميمڻ سوسائٽي جي رهواسڻ طوبہ درس چمبڙ تعلقي جي ڳوٺ مولينڊنو درس جي رهواسي نوجوان محمد اقبال درس سان پيارجو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بعد وارثن سندن دشمن بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ نٽي ۾ پيار پرڻو ڪندڙ ناري طوبہ درس صحافين اڳيان احتجاج ڪندي دانهيو تہ هُن 17 اپريل 2026 ع تي پنهنجي مرضي سان نوجوان محمد اقبال درس سان حيدرآباد جي عدالت ۾ نڪاح ڪيو آهي، اسان ٻئي پاڻ کي پسند ڪندا آهيون، پنهنجي مرضي سان گهران نڪتي آهيان، پنهنجو برو ڀلو چڱي طرح ڄاڻان ٿي، اسلام بہ پنهنجي مرضي جي زندگي گذارڻ جي اجازت ڏئي ٿو پر منهنجا مائٽ منهنجا اسان جا ويري بڻجي ويا آهن، جيڪي مختلف وقتن حراسان ڪري سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان جي زندگين کي خطرو آهي، ڪين تحفظ مهيا ڪري موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين نئين زندگي گذارڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 20

۽ آبادگارن کي پيش ايندڙ مسئلن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي تہ ڪاڙو شاخ، چام برانچ، دوڙو نالي شاخ، پاروسري 2 شاخ، لديا شاخ، ڪيراٽي شاخ ۽ ٻهارا شاخ سميت مختلف واٽرڪورسن تي غيرقانوني ڏڪا ختم ڪرائي پوڇڙ وارن آبادگارن کي برابري جي بنياد تي پاڻي فراهم ڪيو وڃي هن چيو تہ پاڻي جي شديد کوٽ سبب آبادگارن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. تنهن ڪري آبپاشي عملدارن تي لازم آهي تہ هو هنگامي بنيادن تي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائين ۽ پوڇڙ وارن علائقن تائين پاڻي پهچائڻ پنهنجو فرض سمجهن ان موقعي تي سسئي پليجو وزير آبپاشي جام خان شورو سان ٽيليفونڪ رابطو ڪري تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، جنهن تي وزير طرفان مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي وئي ان موقعي تي فاروق پليجو، ڊاڪٽر اياز سومرو، وحيد عارفاڻي، فيض محمد، يعقوب پليجو ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 21

رسڙي راڪ تي ويا ٻاهہ گهرن اڳيان پيل ڪچرو ساڙيندي چڻنگ اوڏامڻ سبب لڳي جڏهن تہ گهر ۾ پيل ڪتون بسترا کٽ ۽ ٻيو سامان گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو ٻاهہ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ وسائي پاسي واري گهرن کي نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو اسماعيل مري جان محمد عرف جانو مري جا گهر سڙي ويا ٻاهہ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ تعلقي سنڌڙي جي فائر برگيڊ جي عملي سان رابطو ڪيو ويو تہ فون بند هو

بقايا عوامي سوچ 22

جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ۽ 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، جن کي 1122 ايمبولينس ذريعي سول اسپتال مکي آندو ويو. جتان وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو. تفصيل موجب سجاول دڙي ضلعي جا 5 ڄڻا پنهنجي مهراڻ ڪار ۾ ٺٽي جي مقامي هوٽل ۾ ماني کائي واپس وڃي رهيا هئا تہ اوچتو ٺٽي شگر مل وٽ اڻجاتل ڊمپرجو ڪار کي ٽڪر، 3 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. فوتين ۾ فيضان سومرو، عنايت سومرو ۽ ممتاز سومرو شامل آهن، جڏهن تہ زخمين ۾ نياز سومرو ۽ سهيل ميمڻ شامل آهن. جن کي فوري طور تي سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس ايمبولينس 1122 ذريعي سول اسپتال مکي منتقل ڪيو ويو، جتان بعد ۾ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو. ان موقعي تي ايم اين اي سيد اياز علي شيرازي فوري طور حادثي واري هنڌ پهتو ۽ سول اسپتال مکي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي. بعد ۾ سيد اياز علي شاهہ شيرازي سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس 1122 جي مکي اسٽيشن تي ايچ کي 1122 جي ٽڪڙي ڪارروائي کي ساراهيو ۽ ٻن ٻين ماڻهن جون زندگيون بچائڻ تي عملي جي واکاڻ ڪئي. ٻئي طرف دڙي ۾ اڄ سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي، واپارين پنهنجو ڪاروبار بند رکيو آهي

بقايا عوامي سوچ 23

ٺ حاجي جمع خان بلوچ پهتو جتي ان ڳوٺ جي معزز حاجي جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي وارثن پٽ عبدالرئوف. سنڌس ڀيا شاهہ محمد بلوچ سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ان چيو تہ پاڪستان ايران ۽ آمريڪا ۾ ٺاهہ ڪرائي پنهنجو هڪ عالمي سطح تي پنهنجو مقام ٺاهيو آهي جنگيون تباهي جا ڪارڻ آهن جيڪي نہ ٿيڻ گهرجن فنڪشنل ليگ ۾ ڀلي ڪيترائي ماڻهو شامل ٿين ۽ اتحاد ٺاهين پر ناڪام ويندا پاڪستان پيپلزپارٽي ڪاميابي ماڻيندي جنهن سدائين عوام جي ترجماني ڪئي آهي ان وڌيڪ چيو تہ عمران خان هڪ ضدي ماڻهو جنهن کي پنهنجي ضد مارايو آهي. مٽياري ضلعي ۾ هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين جي حوالي سان ان ٻڌايو تہ هن. هڪ ڪنفرم ناهي تہ اسان ڪيترين نوڪريون ملن ٿيون. ۽ جيڪي نوڪريون ملن ٿيون تہ پارٽي جي عهديدارن ۽ اميد وارن کي ملن ٿيون آئون پارٽي وارن کان پڇهندس تہ آهي پارٽي جي ماڻهن کي چونتا ڏين هن حوالي ضلع صدر اميرعلي شاهہ سان رابطي ڪندس جيڪو آيڪٽو ماڻهو سيني سان ملاقاتون ڪندوان چيو تہ ضلعي مٽياري ۽ پنڪ موٽرسائيڪل جي حوالي سان مون کي درخواستون ڏنيون وڃن جئين آئون اهي درخواستون مٽي ڏئي سگهان . ٻئي طرف سروري جماعت جو رواني پيشوا مخدوم جميل الزمان ڳوٺ حاجي سردار نبي پهچي سندس گهر واري جي وفات تعزيت پڻ ان موقعي تي سيد ممتاز علي شاهہ محمد اڪرم بلوچ. خدابخش بلوچ. گل پنهور رازق ڏنو همو پوٽو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 24

جي کوٽ جو نوٽيس وٺندي ٽائون عملي کي گهرائي سختي سان هدايتون ڏنيون تہ پاڻي سبيل آهي ان جي کوٽ برداشت نہ ڪبي عوام کي پيئڻ جو پاڻي پهچائڻ اوهان جو فرض آهي ان موقعي تي سينيئر صحافي امتياز ميمڻ ۽ سوين ماڻهو موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 25

لالو ولد محمد ايوب پنهور وانا وزيرستان ۾ دشمنن جي حملي دوران فرض نڀائيندي شهيد ٿي ويو آهي، شهيد جو جسد خاڪي وانا مان ميرپورخاص آندو پيو وڃي جتي ڪيس فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 26

يش امام طرفان پنهنجي ٻارڙن توڙي دوستن سان گڏجي بااثر شخص جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ مسجد جي پيش امام حافظ نثار علي ميمڻ پنهنجي ڌيئرن عائشہ، نور فاطمہ، سائره، زهره بتول، پٽن عبدالوهاب، عبدالرزاق، ڀاءُ الطاف حسين ميمڻ، دوستن حافظ اعجاز احمد سهڙو، حافظ محمد يامين هيسباڻي ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو تہ لاڙڪاڻي شهرجي فيصل ڪالوني ۾ منهنجي نالي تي 1 هزار فوٽن تي مشتمل رهائشي پلاٽ آهي، جنهن جا سمورا ڪاغذ پڻ مون وٽ موجود آهن. جڏهن تہ چاٽايل پلاٽ تي ڪجهہ مهينن کان وٺي بااثر پانهو خان جتوئي زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي 30 لک ڀتو طلب ڪري رهيو آهي، انڪار تي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، اهڙيون شڪايتون حد جي وليد ٿاڻي سميت ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيسن ۾ پڻ ڪيون آهن، پر ڪوبہ تدارڪ ناهي ڪيو ويو. ويتر چاٽايل بااثر تازو مون مٿان مقامي عدالت ۾ ڪوڙو ڪيس پڻ داخل ڪرايو آهي، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن وس وارين اختيارين کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي چاٽايل بااثر خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ مونکي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 27

۾ ۽ اسٽيشنري جي وڪري تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ هاڻي اسڪول انتظاميا والدين کي ڪنهن بہ مخصوص دڪان يا وينڊر کان خريداري ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪري سگهندي، تعليم کاتي هدايت جاري ڪئي آهي تہ تعليمي سال جي شروعات تي اسڪول شاگردن لاءِ گهربل سمورن ڪتابن ۽ اسٽيشنري جي مڪمل فهرست فراهم ڪن تہ جيئن والدين پنهنجي سهولت موجب کليل مارڪيٽ مان خريداري ڪري سگهن. ان کان علاوه مخصوص لوگو يا مونوگرام وارين ڪاپيون لازمي قرار ڏيڻ واري شرط کي بہ غير قانوني قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ اسڪول جي حدن اندر ڪنهن بہ قسم جي وڪري تي مڪمل پابندي هوندي، اختيارين موجب انهن حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ اسڪولن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي جنهن ۾ ڏنڊ ۽ رجسٽريشن جي منسوخي پڻ شامل ٿي سگهي ٿي، جڏهن تہ اهو فيصلو والدين تي مالي بار گهٽائڻ لاءِ اهم اڳيرائي طور ڏٺو پيو وڃي جنهن جو اطلاق سڄي سنڌ ۾ ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 28

عام پبلڪ کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ گهرن مان چوپايو مال چوري ڪرڻ روز جو معمول بڻيل علائقي ۾ خوف واري صورتحال ڇانيل سنڌڙي ٿاڻي جي حد هنگورنو ڪان لنڪ روڊ سهراب راجڙ کان ڪنڊياري طرف ۽ هنگورنو کان شاڪر شهيد روڊ ساماري موري سبزل اسٽاپ چورين ۽ ڦرن جو مرڪز بڻيل ڏوهاري چورين ۽ ڦرون ڪندڙ گروهہ دليري سان ڀنگ وٺي واپس ڪرڻ لڳا ان سلسلي ۾ اڳوڻي ايم پي اي فنڪشنل ليگ ميرپورخاص جي اڳواڻ سيٺ لڇمڻ داس پيرواڻي چيو تہ اسان جا امن وارا علائقا هئا جتي ڏوهہ نہ هئڻ برابر هئا پر هاڻي ڏوهارن جو مرڪز بڻجي ويو آهي جتي روزانو چوريون ڦرون ٿي رهيون آهن پوليس ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل آهي اڳوڻي ايم پي اي سيٺ لڇمڻ داس چيو تہ پوليس جو فرض آهي امن امان قائم ڪرڻ ڏوهارين کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪرڻ ليڪن پوليس ڏوهارين خلاف ڪوبہ تحرڪ نہ وٺي رهي آهي هن وڌيڪ چيو تہ جلد احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي انهي تحريڪ ڪان اڳ ۾ ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص کي فوري طور نوٽيس وٺي سنڌڙي ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين خلاف سخت قدم کنيا وڃن نہ تہ ٻي صورت ، سخت احتجاج ڪيو ويندو جنهن جي ذميوار سنڌڙي ٿاڻي جي پوليس هوندي

بقايا عوامي سوچ 29

تي تي ، اليڪشن سنڌيءَ ادبي سنگت ضلعي رابطا سيڪريٽري شير محمد هاليپوٽو جي نگراني ۽ اليڪشن ڪميٽي مرتضي ڪالرو ، عبدالڪريم سهتو شامل هئا ، سائين مرتضي ڪالرو جي ڀاءُ مرحوم محمد آصف ڪالرو جي اوچتو وچوڙي تي دعا فاتحہ ڪئي وئي ۽ اليڪشن ۾ پرتاب مالهي کي سيڪريٽري چونڊيو ويو ، جڏهن تہ جوائينٽ سيڪريٽري ساقي سليم شر ، آڊيٽر عبدالواحد خاصخيلي ، ڪائونسلر يوسف شر ، خزانچي عطاءُ حسين ڪالرو چونڊيا ويا ، جڏهن تہ اليڪشن تقريب ۾ شير محمد هاليپوٽو ، سائين مرتضي ڪالرو ، عبدالڪريم سهتو ، سائين راڻو مل ميگهواڙ ، عطاءُ حسين ڪالرو ، ايڊووڪيٽ زين خاصخيلي ، ساقي سليم شر ، سائين برڪت شر ، محمد يوسف شر ، جان محمد ڪالرو ، عبدالواحد خاصخيلي ، قاري نثار احمد آرائين ، گيان رائي ، ذوهيب بلوچ شرڪت ڪئي ،

بقايا عوامي سوچ 30

ٻڌا ويا، جنهن بعد هن شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪري سندن مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون ڪيون. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي جميل احمد سومرو چيو تہ شهرين جا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا ويندا، چاڪاڻ جو لاڙڪاڻي شهر واسي اسان جا ٻائر آهن، جن جي خدمت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، جيڪو عمل هميشہ جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 31

ڪئي تقريب جي صدارت اسڪول جي هيڊ مسٽريس ياسمين چانڊيو ڪئي، جڏهن تہ مهمان خاص طور ڊي اي او ايسٽ نياز حسَين ٻرڙو، ٽي اي او گلشن عائشہ سومرو، پروفيسر نور حسين چانڊيو ۽ خاتونِ پاڪستان اسڪول سچل ڳوٺ جي هيڊ مسٽريس زرين حق شامل هئا مهمانن جي آمد تي اسڪول انتظاميا پاران سندن شاندار آجيان ڪئي وئي سالياني امتحان ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرداڻين کي مهمانن طرفان انعام ۽ شيلڊون ڏئي همت افزائي ڪئي وئي پنهنجن خطابن ۾ مهمانن چيو تہ تعليم قوم جي ترقي جو بنيادي ذريعو آهي ۽ اهڙيون تقريبون شاگردن ۾ صحتمند مقابلي جو جذبو پيدا ڪن ٿيون هنن شاگردن کي هدايت ڪئي تہ هو محنت، لگن ۽ ايمانداري سان تعليم حاصل ڪن ۽ استادن جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو تقريب جي آخر ۾ هيڊ مسٽريس ياسمين چانڊيو مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ اسڪول انتظاميا تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهي آهي تہ جيئن شاگرد مستقبل ۾ ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 32

بنگلاديش خلاف ٻن ٽيسٽ ميچن جي سيريز لاءِ 16 رڪني اسڪواڊ جو اعلان ڪري ڇڏيو. شان مسعود کي ٽيسٽ ٽيم جو ڪپتان برقرار رکيو ويو آهي، ٻين رانديگرن ۾ عبدالله فضل، عماد بٽ، اذان اويس، بابر اعظم، حسن علي، امام الحق، خرم شهزاد، محمد عباس، محمد رضوان، محمد غازي غوري، نعمان علي، ساجد خان، سلمان آغا، سعود شڪيل ۽ شاهين آفريدي شامل آهن. اڳوڻي ڪپتان سرفراز احمد کي بنگلاديش دوري لاءِ هيڊ ڪوچ مقرر ڪيو ويو آهي، اسد شفيق بيٽنگ ڪوچ ۽ عمر گل بالنگ ڪوچ جون ذميواريون نڀائيندو. پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ پهرين ٽيسٽ 8 مئي کان ڍاڪا، ٻي ٽيسٽ ميچ 16 مئي کان سلهٽ ۾ کيڏي ويندي، ٻئي ميچون آءِ سي سي ورلڊ ٽيسٽ چيمپيئن شپ جو حصو آهن.

بقايا عوامي سوچ 33

پنهنجي ڪيريئر جي سڀ کان خوبصورت ۽ يادگار تجربن مان هڪ قرار ڏنو پاڪستاني فلم ۽ ٽيليويزن جي مشهور ۽ سينئر اداڪارا ريما خان، هڪ پوڊ ڪاسٽ ۾ حصو ورتو، جتي هن شوبز انڊسٽري، پنهنجي ڪيريئر جي مختلف دورن، هندستان جي پنهنجي دوري ۽ ماضي جي ڪجهہ يادن تي بحث ڪيو جيو جي پوڊ ڪاسٽ ۾، ميزبان مبشر هاشمي ريما خان کان ماضي جي هڪ يادگار پرفارمنس بابت پڇيو هن دور جو حوالو ڏيندي، مبشر هاشمي پڇيو تہ جڏهن ريما خان ۽ همايون سعيد لنڊن ۾ بالي ووڊ سپر اسٽار شاهہ رخ خان ۽ اداڪاره پريتي زنٽا سان اسٽيج تي پرفارم ڪيو تہ اهو تجربو ڪهڙو هو هن سوال جي جواب ۾، ريما خان هن لمحي کي پنهنجي ڪيريئر جي سڀ کان خوبصورت ۽ يادگار تجربن مان هڪ قرار ڏنو هن چيو تہ شاهہ رخ خان کي الله تعاليٰ تمام گهڻو احترام ڏنو آهي ۽ ڪيس اڃا تائين بالي ووڊ جو بادشاهہ سڏيو ويندو آهي ۽ ان سان گڏ پرفارم ڪرڻ هڪ خوشگوار تجربو هو پاڻ بابت ڳالهائيندي ريما خان چيو تہ اڄ بہ هوءَ انڊسٽري جي ٻين سيني اداڪارائن کي پاڻ کان بهتر سمجهي ٿي چوتہ هوءَ ڪنهن ٻئي سان نہ پر پاڻ سان مقابلو ڪري رهي آهي.

بقايا عوامي سوچ 34

۾ ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن. ٻنهي ٽيمن جي وچ ۾ هڪ دوستانہ فٽبال ميچ جو امڪان آهي. ٻنهي فيڊريشنن جي وچ ۾ شروعاتي ڳالهين ۾، هڪ دوستانہ ميچ ۽ ٻنهي ٽيمن جي وچ ۾ هڪ ترقياتي پروگرام تي بحث ڪيو ويو. پي ايف ايف جي آفيسرن ۽ ارجنٽائن فٽبال نمائندن جي وچ ۾ آن لائن ڳالهہ ٻولهہ ۾ مختلف ڪپ کان پوءِ پاڪستان ۽ استان ۽ ارجنٽائن جي وچ ۾ هڪ دوستانہ ميچ ٿي سگهي ٿو. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪوچنگ ۽ ترقياتي پروگرام تي پڻ بحث ڪيو ويو. ۽ پروگرام موجب، ارجنٽائن فٽبال ڪوچ پاڪستان ايندا.

بقايا عوامي سوچ 35

دوران ڪانئس سوال ڪيو ويو تہ ڊرامي سيريل "معمہ" جي ڪردار "جي جي" جي آڇ صبا قمر بدران توهان کي ٿئي ها تہ ڇا ڪيو ها؟هن جواب ڏنو تہ اهو ڪردار صبا قمر کان بهتر ڪير بہ ادا نہ ڪري سگهي ها، جيڪڏهن ڊرامي ۾ مون کي صبا سان گڏ ڪونئيو ڪردار ملي ها تہ اهو بہ خوشي سان ڪيان ها. سنڌس چوڻ هو تہ مان صبا قمر جي وڏي مداح آهيان، منهنجي ان سان هڪ فلم جي پريميئر تي ملاقات ٿي هئي ۽ مان ان سان ملي روئڻ لڳي هيس، هوءَ مون کي روئيندي ڏسي گهٻرائجي وئي ۽ پڇيو تہ ڇا ٿيو؟ پوءِ ڪيس سنڌس پي آر مينيجر ٻڌايو تہ هيءَ توهان جي وڏي مداح آهي، تنهن ڪري جذباتي ٿي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 36

يا سار سنڀال ڪري ان کي ئي محبت چوندا آهن پر مون کي لڳي ٿو تہ اڄڪلهہ ڪنهن کي پيار نہ پيو ٿئي ۽ ماڻهن کي پيار ڪرڻ ايندو بہ ناهي، جيڪو رومانس هو، اهو هاڻ ختم ٿي ويو آهي. هن چيو تہ جن وٽ محبت آهي، دعا ٿي ڪيان تہ اهي خوش رهن پر اڄڪلهہ ماڻهو خوش نٿا رهن، هاڻ اهي مصروف ٿي ويا آهن، مسئلا آهن ۽ ماڻهن وٽ مختلف آپشن آهن، اڄ جي دور ۾ سدائين گڏ رهڻ واري ڳالهہ ناهي.

شهيد روبينه اڄڻ فلاحي تنظيم کهڙا طرفان اسڪول جون ڊريسون تقسيم ڪيون ويون

تنظيم طرفان مليل ڊريسون اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين عبد الحنان پنهور ۽ هيڊ ماستر حبيب الرحمان جاگيراڻي تقسيم

شاگردن ۾ تعليمي مدد طور ڪيترن ئي اسڪولن ۾ اسڪول ڪاپيون 'ڊريسون' ٿيلها تقسيم ڪرڻ جو پروگرام جاري آهي

پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيترن اسڪولن ۾ تعليمي مدد طور مستحق شاگردن ۾ اسڪول اسٽيشنري پهچائي دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور ۽ شهيد روبينه اڄڻ فلاحي تنظيم کهڙا طرفان غريب شاگردن ۾ تعليمي مدد جي پروگرام تحت تعلقه گمبٽ جي ڪچي جي اسڪول پرائمري اسڪول محمد عمر پنهور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

گهوڙ شريف ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ شفيع محمد مگريو جي رهواسڻ خودڪشي ڪري ڇڏي

ميرپورخاص (رپورٽ سومارسميجو) گهوڙ شريف ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ شفيع محمد مگريو جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ميرپورخاص ڪان ڄامشورو يونيورسٽي ويندڙ شاگرد ٽرانسپورٽ جي سخت مسئلن سبب پريشان ٿي پيا

ميرپورخاص (رپورٽ سومارسميجو) ميرپورخاص ڪان ڄامشورو يونيورسٽي ويندڙ شاگرد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

اڏيرولال اسٽيشن پوليس تي سيد صالح شاهه ميلي ۾ ٽينڊڙ ملاڪڙي دوران ميبنا حملو

ڪيبراڻي ٿاڻي تي مقرر پوليس ڪانسٽيبل طارق ساهووال جي فرياد تي 4 سڃاتل ۽ 4 اڻ سڃاتل ماڻهن تي اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو

اي ايس آءِ محمد محرم ڪلهوڙو، سپاهي حيدر علي خاصخيلي، پوليس اهلڪار ماجد عمران ڊرائيور حيات ڳاهو ڊيوٽي ڪري رهيا هئا

پوليس جي جوانن تي حملو ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪين 2 جوابدار گرفتار ڪيا آهن ٻين کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو

اڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اڏيرولال اسٽيشن پوليس تي سيد صالح شاهه ميلي ۾ ٽينڊڙ ملاڪڙي دوران ميبنا حملو ڪيبراڻي ٿاڻي تي مقرر پوليس ڪانسٽيبل طارق ساهووال جي فرياد تي 4 سڃاتل ۽ 4 اڻ سڃاتل ماڻهن تي اوڏيرولال اسٽيشن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٽنڊي غلام حيدر ويجهو متارو هوٽل پرسان ڪڙيو گهنور روڊ تي ٻن چنگچي رڪشائن ۾ ٽڪر

ٻنهي رڪشائن ۾ سوار حنيف خاصخيلي سڪندر چانڊيو عرفان سلطان نورحسن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا

تعلقه اسپتال ٽنڊو غلام حيدر آندو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد 5 زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو متارو هوٽل پرسان ڪڙيو گهنور روڊ تي ٻن چنگچي رڪشائن ۾ ٽڪرائڻ جي نتيجي ۾ ٻنهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سڄاول ۾ ٽريزري آفيس عملدار جي ملازمن سان هٺ ڌرمي بداخلاقي ۽ ميبنه ڪرپشن خلاف احتجاج

ملازمن جي تنظيم پاران 20 اپريل تي آفيسن جي تالابندي/ ڪم ڇڏ هڙتال ۽ 21 اپريل تي احتجاج/ڌرڻي جو اعلان

آل ايپلائيز ايسوسيئيشن پاران ضلعي سڄاول ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

جنهن مطابق 20 اپريل 2026 سومر ڏينهن آفيسن ڪي تالا هڻي ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي

سڄاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سڄاول ۾ ٽريزري آفيس عملدار جي ملازمن سان هٺ ڌرمي بداخلاقي ۽ ميبنه ڪرپشن خلاف ملازمن جي تنظيم پاران 20 اپريل تي آفيسن جي تالابندي/ ڪم ڇڏ هڙتال ۽ 21 اپريل تي احتجاج/ڌرڻي جو اعلان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور عوام جي خدمت آهي: علي حسن زرداري

اسان بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ تڪ جي ترقي ۽ عوامي سهولتن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪري رهيا آهيون

احمد سمون پهتو، جتي مقامي ڳوٺاڻن صديق سمون ۽ الياس سمون جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌس شاندار استقبال ڪيو ويو

ڪيس اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي صوبائي وزير باضابطه طور تي ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪيو

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانه علي حسن زرداري چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور عوام جي خدمت آهي. اسان بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ تڪ جي ترقي ۽ عوامي سهولتن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ميندي جي رات ڳوٺ جو انتقال شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل

محرابپور (رپورٽر) ميندي جي رات ڳوٺ جو انتقال شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل تفصيلات جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جو 17 گريڊ جو نوجوان ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو

محرابپور (رپورٽر) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جو 17 گريڊ جو نوجوان ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

"جنرل جان جيڪب" جي نالي سان منسوب جيڪب آباد ضلعي کي موجوده حڪمرانن نظرانداز ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد ۾ پيپلز بس سروس جو آغاز نه ٿي سگهيو وڏندڙ تيل جي قيمتن ٽوڙي وڌندڙ ڀاڙن سبب عوام ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ تي سفر ڪرڻ جي سگهه ختم ٿيندي پئي وڃي

فوري طور تي پيپلز بس سروس جيڪب آباد کان لاڙڪاڻي، جيڪب آباد کان سکر ۽ جيڪب آباد کان ٺل جي روٽ تي شروع ڪئي وڃي عوامي مطالبو

جيڪب آباد جيڪو هڪ قديمي شهر طور سڃاتو وڃي ٿو پر حڪومتي بي ڌياني سبب عوامي حلقن ۾ بيچيني پيدا ٿي وئي

جيڪب آباد (رپورٽر) "جنرل جان جيڪب" جي نالي سان منسوب جيڪب آباد ضلعي کي موجوده حڪمرانن نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. جيڪب آباد ۾ پيپلز بس سروس جو آغاز نه ٿي سگهيو وڌندڙ تيل جي قيمتن ٽوڙي وڌندڙ ڀاڙن سبب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

گمبٽ ابل واهه جي پڪي پل تي هماليپ ڪندڙ مزدورن جو اناج ۽ جنس خريدار واپارين خلاف زبردست احتجاج

زوردار نعريبازي اسان جي مزدوري جي اجرت وڌايو احتجاج ڪندڙن مزدورن جون دانهون

اسان کي هن مهنگائي دؤر ۾ به کهڙا جا جنس واپاري 2022 واري مزدوري ڏين ٿا

ان سان اسان جي گهر جو گذر سفر نه ٿو ٿئي اسان جا ٻچا فاقا ڪشيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ابل واهه جي پڪي پل تي هماليپ ڪندڙ مزدورن جو اناج ۽ جنس خريدار واپارين خلاف زبردست احتجاج. زوردار نعريبازي اسان جي مزدوري جي اجرت وڌايو احتجاج ڪندڙن مزدورن جون دانهون احتجاج جي اڳواڻي جان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

امتحاني مرڪزن جي آسپاس ۾ غير مجاز ماڻهن جي داخلا ۽ فوٽو ڪاپي مشينن هلائڻ تي قلم 144 لاڳو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڪمشنر جلال الدين مهر 21 اپريل ڪان ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي انتظام هيٺ ٿيندڙ 11 هين ۽ 12 هين ڪلاس جي ساليانې امتحانن دوران امتحاني مرڪزن جي آسپاس ۾ غير مجاز ماڻهن جي داخلا ۽ فوٽو ڪاپي مشينن هلائڻ تي قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي.

جوهي جي ڳوٺ ڳوٺ حاجي ٻهارو جي رهواسي ڪندو خان لغاري دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج

منهنجي زمين 15 ايڪڙ 26 گهنٽا ديهه پٽوڙو نمبر 2 ۾ آهي جيڪا زمين منهنجي مرحوم والد احمد خان لغاري جي نالي تي هئي

جنهن ڪان پوءِ اها زمين اسسٽنٽ ڪمشنر جوهي منهنجي نالي تي ڪري ڏني آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي جي ڳوٺ ڳوٺ حاجي ٻهارو جي رهواسي ڪندو خان لغاري دادو پريس ڪلب آڏو بااثر قبضه گروپ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. بعد ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪندو خان لغاري ڏانهيو ته منهنجي زمين 15 ايڪڙ 26 گهنٽا ديهه پٽوڙو نمبر 2 ۾ آهي جيڪا زمين منهنجي مرحوم والد احمد خان لغاري جي نالي تي هئي جنهن ڪان پوءِ اها ز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12



دادو: جوهي جي ڳوٺ حاجي ٻهارو جي رهواسي ڪندو خان لغاري دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي

چوبندي ساڪرو جي اڳوڻي چيئرمين نور دين پتافي پنهنجي ساٿين سميت صحافين سان ملاقات

صحافين جي نمائندہ تنظيم ايچ يو جي صدر شبير پٽي ۽ يوسف ميراڻي پڻ موجود هئا

صحافي برادري هميشه علائقي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ عوام جي آواز بڻجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يوسي چوبندي ساڪرو جي اڳوڻي چيئرمين نور دين پتافي پنهنجي ساٿين جميل ڪچي، بلال ٻاپڙو ۽ ٻين سان گڏ مڪلي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي مڪلي پريس ڪلب ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ايم اين اي مخدوم جميل الزمان اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ حاجي جمع خان بلوچ پهتو

حاجي جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي وارثن پٽ عبدالرئوف. سنڌس پيا شاهه محمد بلوچ سان تعزيت

سيد ممتاز علي شاهه محمد اڪرم بلوچ خدابخش بلوچ گل پنهور رازق ڏنو همو پوٽو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا

اوڏيرولال (رپورٽ منورهنگورو) سروري جماعت جو رواني پيشوا پيپلزپارٽي جو ايم اين اي مخدوم جميل الزمان اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊي شگر مل جي سڄاول ٽنڊو مين هاءِ وي تي رات دير سان انتهائي افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو

جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ۽ 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

جن کي 1122 ايمبولينس ذريعي سول اسپتال مڪي آندو ويو، جتان وڌيڪ علاج لاءِ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو

غلام الله (رپورٽ بابوجان هنگورجو) ٽنڊي ويجهو ٽنڊي شگر مل جي سڄاول ٽنڊو مين هاءِ وي تي رات دير سان انتهائي افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

يوسي جهڙپي لڳ ڳوٺ موسا مري ۾ باهه جو واقعو 2 پورهيتن جا گهر سڙي راک ٿي ويا

باهه گهرن اڳيان پيل ڪچرو ساڙيندي ڇڻنگ اوڏامڻ سبب لڳي

گهر ۾ پيل ڪتون بسترا ڪٽڪ ۽ ٻيو سامان گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص دلبر مهر ٿاڻي جي حد يوسي جهڙپي لڳ ڳوٺ موسا مري ۾ باهه جو واقعو 2 پورهيتن جا گ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سسئي پليجو ساڪرو جي ڪاروڙو شاخ وارن علائقن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ آبادگارن کي پيش ايندڙ مسئلن تي ڳڻتي ظاهر

غيرقانوني ڏڪا ختم ڪرائي پوڇڙ وارن آبادگارن کي برابري جي بنياد تي پاڻي فراهم ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو): پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو ساڪرو جي ڪاروڙو شاخ وارن علائقن ۾ پاڻي جي ڪوٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٽنڊوالهيار ضلعي جو پريمي جوڙو پيار پرڻو ڪرڻ بعد دربدري واري زندگي گهارڻ لڳو، تحفظ جي اپيل

ڳوٺ موليڏنو درس جي رهواسي نوجوان محمد اقبال درس سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي

ٺٽي ۾ پيار پرڻو ڪندڙ ناري طوبه درس صحافين اڳيان احتجاج

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٽنڊوالهيار ضلعي جو پريمي جوڙو پيار پرڻو ڪرڻ بعد دربدري واري زندگي گهارڻ لڳو. تحفظ جي اپيل. ٽنڊوالهيار جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ٺٽو ۾ شگر مل پرسان افسوسناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ ٽن نوجوانن جي حياتي ضايع ٿي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار عنات سومرو، ممتاز سومرو ۽ فيضان سومرو موقع تي ئي فوت ٿي ويا

زخمين ۾ سهيل ولد طفيل ميمڻ ۽ نياز ولد ميرمحمد سومرو شامل آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو ۾ شگر مل پرسان افسوسناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ ٽن نوجوانن جي حياتي ضايع ٿي وئي، جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڏوڪري تعلقي جو نور آباد ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم، ڳوٺاڻا پريشان

ڏوڪري تعلقي جي يونين ڪائونسل ڳجهڙ جي ڳوٺ نور آباد کي جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو

ڳوٺ جا رهواسي جديد دور ۾ به سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري تعلقي جو نور آباد ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم، ڳوٺاڻا پريشان، پڪي روڊ جي تعمير جو مطالبو تفصيل موجب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص سينٽرل جيل ميرپورخاص جو تفصيلي دورو

سپرنٽينڊنٽ سينٽرل جيل اشفاق ڪلوڙ جيل جي انتظامي معاملن تي جامع بريفنگ ڏني

جيل جي سيڪيورٽي کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪيو ويو آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص جلال الدين مهر سينٽرل جيل ميرپورخاص جو دورو ڪيو ۽ قيدين کي فراهم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ميرپورخاص :ڈویژنل کمشنر میرپورخاص جلال الدین مهر کا سینٹرل جیل کا دوره، جیل سپرنٹنڈنٹ اشفاق کلوڑ کے ہمراہ سیکیورٹی و اصلاحی اقدامات کا جائزہ

علي ٽالپور ٽائون جو رهائشي 26 ورهين جي نوجوان ڪرڙ ماڇي خودڪشي ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

سنڌس گهر وارا نندي ياءُ جي منگڻي جي سلسلي ۾ عمرڪوٽ ويل هئا

سنڌس شادي ٿيڻ ڪان اڳ ئي نندي ياءُ جي شادي جون رسمون شروع ڪيون ويون

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي علائقي علي ٽالپور ٽائون جو رهائشي 26 ورهين جي نوجوان ڪرڙ ماڇي خودڪشي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پوليس اهلڪارن طرفان هڪ شڪي گاڏي روڪڻ تان ڪار ڊرائيور گاڏي پوليس اهلڪار مٿان چاڙهي ڇڏي

پوليس اهلڪار عبدالمنان ڏيپر فوت پوليس ڪار ۾ سوار ٻن جوابدارن کي گرفتار

گاڏي مان نشي وارين سوپارين هٿ ڪري ورتيون فوت ٿيل پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي سائيٽ سپرهاءِ وي ٿاڻي جي حد معمار موڙ پرسان هڪ پوليس اهلڪارن طرفان هڪ شڪي گاڏي روڪڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي سڄاول ضلعي جي عوام جا مسئلا ٻڌا

فورن حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو هن سڄاول جي وارڊ 11 ۾ مسلسل پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ جو نوٽيس

ٽائون عملي کي گهرائي سختي سان هدايتون ڏنيون ته پاڻي سبيل آهي ان جي ڪوٽ برداشت نه ڪبي

عوام کي پيئڻ جو پاڻي پهچائڻ اوهان جو فرض آهي ان موقعي تي سينيئر صحافي امتياز ميمڻ ۽ سوين ماڻهو موجود هئا

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) شيرازي هائوس سيدپور پ اڳواڻ اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي سڄاول ضلعي جي عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ فورن حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو هن سڄاول جي وارڊ 11 ۾ مسلسل پيئڻ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

آفتاب علي عرف لالو ولد محمد ايوب پنهور وانا وزيرستان ۾ دشمن جي حملي دوران فرض نڀائيندي شهيد

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پبلڪ اسڪول روڊ ڳوٺ لاکو پنهور جو رهائشي پاڪ آرمي جو بهادر جوان آفتاب علي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

لاڙڪاڻي جي رهواسي مسجد جي پيش امام طرفان ميبنا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي شهر جي غريب آباد پاڙي جي رهواسي مسجد جي پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي کاتي طرفان نجي اسڪولن بابت اهم فيصلو ڪندي والدين کي وڏو رليف فراهم

نجي اسڪولن اندر درسي ڪتابن، يونيفارم ۽ اسٽيشنري جي وڪري تي پابندي لاڳو ڪئي وئي

هاڻي اسڪول انتظاميا والدين کي ڪنهن به مخصوص دڪان يا وينڊر کان خريداري ڪرڻ لاءِ مجبور نه ڪري سگهندي

تعليم کاتي هدايت جاري ڪئي آهي ته تعليمي سال جي شروعات تي اسڪول شاگردن لاءِ گهربل سمورن ڪتابن ۽ اسٽيشنري جي مڪمل فهرست فراهم ڪن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي کاتي طرفان نجي اسڪولن بابت اهم فيصلو ڪندي والدين کي وڏو رليف فراهم ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب نجي اسڪولن اندر درسي ڪتابن، يونيفار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سنڌڙي ٿاڻي جي حد ڏوهارين جو مرڪز بڻجي ويو پوليس ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل

عام پبلڪ کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ گهرن مان چوپايو مال چوري ڪرڻ روز جو معمول بڻيل

هنگورنو کان شاڪر شهيد روڊ ساماروموري سبزل اسٽاپ چورين ۽ ڦرن جو مرڪز بڻيل

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سنڌڙي ٿاڻي جي حد ڏوهارين جو مرڪز بڻجي ويو پوليس ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ ۾ ناڪام بڻيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ ڪوٽ غلام محمد جي اليڪشن 2026 لاءِ پرتاب مالهي سيڪريٽري چونڊجي ويو

اليڪشن سنڌيءَ ادبي سنگت ضلعي رابطا سيڪريٽري شير محمد هاليپوٽو جي نگراني ۽ اليڪشن ڪميٽي مرتضي ڪالرو، عبدالڪريم سهتو شامل هئا

سائين مرتضي ڪالرو جي پاءُ مرحوم محمد آصف ڪالرو جي اوچتو وڇوڙي تي دعا فاتحه ڪئي وئي

جوائينٽ سيڪريٽري ساقي سليم شر، آڊيٽر عبدالواحد خاصخيلي، ڪائونسلر يوسف شر، خزانچي عطاءِ حسين ڪالرو چونڊيا ويا

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ ڪوٽ غلام محمد جي اليڪشن 2026 لاءِ پرتاب مالهي سيڪريٽري چونڊجي ويو. خبرموجب ، سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ ڪوٽ غلام محمد جي اليڪشن 2026 نيشنل پريس ڪلب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

جميل احمد سومرو طرفان ڪالهه پنهنجي رهائشگاهه تي شهرين سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ٻڌا

جنهن بعد هن شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪري سندن مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون ڪيون

شهرين جا مسئلا هنگامي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. چاڪاڻ جو لاڙڪاڻي شهرواسي اسان جا پائر آهن

جن جي خدمت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، جيڪو عمل هميشه جاري رهندو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو طرفان ڪالهه پنهنجي رهائشگاهه تي شهرين سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول، يونيورسٽي ڪيمپس ڪراچي ۾ شاندار تقريب

امتحان ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائڻين کي مهمانن طرفان انعام ۽ شيلڊون ڏئي همت افزائي ڪئي وئي

تعليم قوم جي ترقي جو بنيادي ذريعو آهي ۽ اهڙيون تقريبون شاگردن ۾ صحتمند مقابلي جو جذبو پيدا ڪن ٿيون

اسڪول انتظاميا تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهي آهي: ياسمين چانڊيو

ڪراچي اوپر(رپورٽر) گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول، يونيورسٽي ڪيمپس ڪراچي ۾ ساليانې امتحاني تقريب وڏي جوش ۽ شان و شوڪت سان منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ شاگرديائڻين، استادن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪراچي: گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول، يونيورسٽي ڪيمپس ۾ تقريب جو انعقاد ڪيو ويو آهي

بنگلاديش خلاف ٽيسٽ سيريز لاءِ قومي اسڪواڊ جو اعلان، سرفراز هيڊ ڪوچ مقرر

رانديگرن ۾ عبدالله فضل، عماد بٽ، اذان اويس، بابر اعظم، حسن علي، امام الحق، خرم شهزاد، محمد عباس شامل

محمد رضوان، محمد غازي غوري، نعمان علي، ساجد خان، سلمان آغا، سعود شڪيل ۽ شاهين آفريدي کي به رانديگرن ۾ شامل ڪيو ويو

سرفراز احمد کي بنگلاديش دوري لاءِ هيڊ ڪوچ مقرر ڪيو ويو، اسد شفيق بيٽنگ ڪوچ ۽ عمر گل بالنگ ڪوچ جون ذميواريون نڀائيندو

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

شاهه رخ سان پرفارم ڪرڻ پلو تجربو هو: ريما خان

ڪراچي (شوبز نيوز) پاڪستاني فلم ۽ ٽيليويزن جي مشهور ۽ سينئر اداڪارا ريما خان، ماضي ۾ شاهه رخ خان سان گڏ پنهنجي پرفارمنس کي/ڏسو صفحو 3بقايا نمبر33

صبا قمر جي وڏي مداح آهيان، ساڻس پهرين ملاقات ۾ روئي ڏنو هيم: ڪرن اشفاق

ڊرامي سيريل "معمہ" جي ڪردار "جي جي" جي آچ صبا قمر بدران توهان کي ڏٺي ها ته ڇا ڪيو ها؟

مان صبا قمر جي وڏي مداح آهيان، منهنجي ان سان هڪ فلم جي پريميئر تي ملاقات ٿي هئي

ڪراچي (شوبز نيوز) ماڊل ۽ اداڪارا ڪرن اشفاق انڪشاف ڪيو آهي ته مان اداڪارا صبا قمر جي وڏي مداح آهيان. هڪ ٽي وي پروگرام /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

پاڪستان ۽ ارجنٽائن فٽبال ٽيمن ۾ دوستاڻو

ڪراچي (شوبز نيوز) پاڪستان فٽبال فيڊريشن ۽ ارجنٽائن فٽبال ايسوسيئيشن جي وچ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

اڄڪلهه جي دور ۾ ماڻهن کي پيار ڪرڻ ناهي ايندو، ٻين شين ۾ مصروف آهن: طوبيٰ انور

جڏهن ڪو توهان تي ڌيان ڏئي يا سار سنڀال ڪري ان کي ئي محبت چوندا آهن پر مون کي لڳي ٿو ته اڄڪلهه ڪنهن کي پيار نه پيو ٿئي

جن وٽ محبت آهي، دعا ٿي ڪيان ته اهي خوش رهن پر اڄڪلهه ماڻهو خوش نٿا رهن، هاڻ اهي مصروف ٿي ويا آهن، مسئلا آهن ۽ ماڻهن وٽ مختلف آپشن آهن

ڪراچي (شوبز نيوز) اداڪارا طوبيٰ انور چيو آهي ته اڄڪلهه جي دور ۾ ڪنهن سان پيار ڪرڻ واري ڳالهه ختم ٿي چڪي آهي ۽ ماڻهن کي پيار ڪرڻ ناهي ايندو. هڪ انٽرويو ۾ طوبيٰ انور چيو ته جڏهن ڪو توهان تي ڌيان ڏئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36